(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شماره

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

سيپٽمبر 2026/ ربيع الآخر 1448 (دعوت اسلامي)




7 سيپٽمبر

## يوم تحفظ عقيده ختم نبوت

2 سيپٽمبر

## يوم دعوت اسلامي

مبارڪ هجي

- عقيده ختم نبوت ۽ قرآن
- ڏيئرن ڪي توڪل علي الله جي تربيت ڏيو
- اسلام عزتِ نفس جو محافظ
- مڪار پوڙهو
- ڪردار جي عظمت
- آخري نبي جو پيارو معجزو





آخري نبي جو پيارو معجزو

# باغ جي ميون جي درست مقدار ٻڌايائون

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

الله پاڪ پنهنجي آخري نبي، حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار معجزا عطا فرمايا. انهن معجزن جي ذريعي هڪ پاسي ته ماڻهن کي سندن رسالت تي يقينِ قلبي حاصل ٿيندو ۽ ٻئي پاسي ايمان وارن جي ايمان کي تقويت نصيب ٿيندي. اچو! اڄ اسان حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ اهڙي ئي پياري معجزي جي باري ۾ پڙهون ٿا.

حضرت ابو حميد ساعدي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: اسان رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان غزوهٔ تبوڪ جي سال نڪتاسين. جڏهن اسان وادي القريٰ پهتاسين ته اتي هڪ عورت پنهنجي باغ ۾ هئي. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابه کي فرمايو: هن باغ جي پيداوار جو اندازو لڳايو. جيئن ته صحابه ڪجهه نه ڪجهه اندازو لڳايو ۽ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن به هڪ اندازو لڳايو ته هن جي پيداوار ڏهه وسق هوندي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان عورت کي فرمايو: اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مان جڏهن واپس ايندس، تيسين تون هن باغ مان حاصل ٿيندڙ پيداوار جو حساب محفوظ رکجانءِ (يعني ميوو پٽي ان کي توري ڪانپوءِ وزن ياد رکجانءِ) پوءِ اسان اڳتي روانا ٿياسين، تان جو تبوڪ پهتاسين. پوءِ (تبوڪ جي معاملي کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ) پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس روانا ٿيا ۽ اسان بہ ساڻن گڏ هئاسين. جڏهن ٻيهر وادي القريٰ پهتاسين تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان عورت کي فرمايو: تنهنجي باغ جي پيداوار ڪيتري ٿي؟ تنهن تي هن عورت بلڪل ساڳي اها ئي ڏهه وسق حوالو مقدار ٻڌائي، جنهن جو رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن اندازو فرمايو هو. (ڏيکيو: مسند امام احمد، 16/39، حديث: 23604)

يقيناً هي حضورِ اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي ته پاڻ سڳورن جو اندازو ايڏو ته درست هو، جو ان ۾ هڪ تولي جو به فرق نه آيو. هي رڳو هڪ اندازو نه هو، بي صورت ۾ ڪجھ نه ڪجھ فرق ضرور هجي ها، بلڪ هي حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب هو

مسلمان کي گھرجي ته هو پنھنجي هر معاملي ۾ سچائيءَ کي اختيار ڪري. آئنده جي ڪنهن به ڪم جو ارادو ڪندي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! چوڻ گھرجي، چو ته هر ڪم الله پاڪ جي مشيت (مرضيءَ) سان ئي پورو ٿيندو آهي.

پنھنجي مالي ۽ ڪاروباري معاملن جو حساب ڪتاب محفوظ رکڻ گھرجي، ته جيئن بعد ۾ ڪنهن به اختلاف يا پريشانيءَ کان بچي سگھجي ۽ زڪوات وغيره جو حساب لڳائڻ ۾ به آساني ٿئي.

سفر، مصروفيت يا ذميدارين جي باوجود پنھنجي چيل ڳالھ کي پورو ڪرڻ گھرجي.

انسان کي گھرجي ته جيڪا ڳالھ چوي يا جيڪو واعدو ڪري، ان کي ياد رکي ۽ موقعو اچڻ تي ان ڏانھن ضرور ڌيان ڏئي.

پنھنجي ماتحتن جي ذهني صلاحيتن، تجربن ۽ لِڪيل مهارتن کي وقت بوقت مختلف رخن کان پرکڻ گھرجي، ته جيئن ضرورت پوڻ تي ڪانئن صلاحيتن موجب ڪم وٺي سگھجي ۽ سندن ڪارڪردگيءَ تي ڀروسو ڪري سگھجي.

ننڍا يا معمولي نظر ايندڙ معاملا به اهم هوندا آهن، ان ڪري انهن ۾ به ذميداري ۽ احتياط جو مظاهرو ڪرڻ گھرجي.

ٻين جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ جو مقصد سندن خيرخواهي ۽ رهنمائي هجڻ گھرجي، نه ڪي بيجا تجسس.

ٻين جي معاملن ۾ صرف تڏهن ئي مداخلت يا دلچسپي وٺجي، جڏهن ڪين اهو ناگوار نه گذري.

پنھنجي ڳالھ جي سچائي يا صحيح مقصد خاطر پنھنجي مهارت ۽ ڪمال کي ٻين تي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪو عيب ناهي.

وڏن کي گھرجي ته هو ضروري شين جو حساب ڪتاب رکن ۽ پنھنجن چيل ڳالھين توڙي معاهدن کي پورو ڪن، ته جيئن ننڍا سندن عملن مان سنيون ڳالھيون سکن.

وسق: اناج يا ميوي جي ماپ جو هڪ قديم پيمانو آهي. هڪ وسق 60 صاع جو هوندو آهي ۽ هڪ صاع لڳ ڀڳ ساڍا چار سير جي برابر هوندو آهي.



# آخري نبي محمد عربي جي گفتگو جو انداز

مولانا ناصر جمال عطاري مدني

صحيح ۽ دانشمندانہ گفتگو پختي علم جي نشاني هوندي آهي. جنهن جي علمي گهرائي جيتري وڌيڪ هوندي، ان جي گفتگو اوتري ئي شاندار، مفيد ۽ نتيجہ خيز هوندي آهي! اچو! هن بنيادي نقطي کي ذهن ۾ رکي اسان قرآنِ ڪريم کوليون ٿا ۽ سورهِ رحمٰن جي پهرين آيت پڙهون ٿا:

اَلرَّحْمٰنُ ۙ﴿۱﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ؕ﴿۲﴾

خَلَقَ الْاِنْسَانَ ۙ﴿۳﴾ عَلَّمَهُ الْبَیَانَ ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: رحمٰن قرآن سيکاريو انسان کي پيدا ڪيو ان کي بيان سيکاريو. (پ27،الرحمٰن:1تا4)

۽ جيڪو قرآنِ ڪريم سيکاريو ويو، ان جو شان بيان ڪندي ربّ ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وَ نَزَّلْنَا عَلَیْكَ الْكِتٰبَ تِبْیَانًا لِّكُلِّ شَیْءٍ وَّ هُدًى

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اسان توهان تي هي قرآن لاٿو جيڪو هر شيءِ جو روشن بيان آهي. (سيپارو: 14، النحل: 89)

هاڻي ٿو هن ڳالهہ تي غور فرمايو تہ جنهن آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربُّ العالمين پاڻ علم سيکاريو هجي ۽ قرآن جهڙو معجزانہ ڪلام متن نازل فرمايو هجي، تہ سندن گفتگو جي خوبصورتي، دلڪشي ۽ ڪمال جو عالَم ڇا هوندو! مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گفتگو کي محفوظ ڪرڻ، سمجهڻ ۽ ان تي غور و فڪر ڪرڻ ۾ دنيا جي ذهين ترين ماڻهن پنهنجيون زندگيون وقف ڪيون آهن. سيدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون اسان کي هي سيکارين ٿيون تہ ڪڏهن ڳالهائڻ گهرجي، ڪيئن ڳالهائڻ گهرجي ۽ ڇا ۽ ڪيترو ڳالهائڻ گهرجي؟ اچو! الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گفتگو جي انداز جو مطالعو ڪريون ٿا:

## (1) ضرورت جي وقت گفتگو

الله جا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقت خاموش رهندا هئا ۽ بنا ضرورت گفتگو نہ فرمائيندا هئا. (شمائل ترمذی، ص135) رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموشيءَ جي ترغيب هن ريت ڏياري آهي: جيڪو چپ رهيو، ان نجات ماتي. (ترمذی،225/4، حديث:2509) جيڪو سلامتي چاهي ٿو، ان تي خاموشي لازم آهي. (مسند ابی يعلیٰ،271/3،حديث:3595) خاموشي اخلاق جي

سردار آهي. (مسند الفردوس، 2 /36، حديث: 3666)
توهان تي نيڪي جي ڳالهه ڪانسواءِ طويل خاموشي لازم آهي، ڇوته اها شيطان کي توهان کان پري ڪندي ۽ ديني معاملن ۾ توهان جي مددگار ٿيندي. (صحيح ابن حبان،289/1، حديث:362) معلوم ٿيو ته بي وقت ڳالهائڻ کان بهتر آهي ته ٻانهو وقت تي ڳالهائي، ڇو ته وقتائتو ڳالهائڻ انسان جي سمجهه ۽ بي وقت ڳالهائڻ ناداني؛ جي نشاني آهي. اسان کي لفظن کي خزانو سمجهڻ گهرجي ۽ ان کي اتي خرچ ڪرڻ گهرجي جتي ضرورت هجي.

## (2) گفتگو جو آغاز ۽ اختتام

اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو جي شروعات ۾ الله پاڪ جي نالي سان ڪندا هئا ۽ پڇاڙي به الله پاڪ جي نالي تي ڪندا هئا. (شمائل ترمذی، ص135) مراد هيءَ آهي ته پاڻ گفتگو شروع ڪرڻ کان اڳ بسم اللّٰہ شریف پڙهندا هئا ۽ گفتگو ختم ڪرڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه فرمائيندا هئا. (المواہب اللدنیہ علی الشمائل المحمدیہ،ص356)

## (3) گفتگو جا موضوع

الله پاڪ سيدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تعليمِ ڪتاب و حڪمت ۽ نفسن جي پاڪائي لاءِ مبعوث فرمايو آهي، تنهنڪري پاڻ سڳورن جي گفتگو جو موضوع هر اها شيءِ رهي جنهن جي انسان کي ضرورت هئي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ موجود حديثن جو ذخيرو لڳ ڀڳ ساڍا چوڏهن سئو سال گذرڻ باوجود انسان جي اعتقادي، تعليمي، سماجي ۽ معاشي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اسان جي عروج جي حاصلات ۽ زوال کان نجات جو راز به حديثِ رسول سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي. هن ئي اهميت کي نظر ۾ رکندي دعوتِ اسلامي 45 سالن کان تعليماتِ نبوي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، جنهن جو نتيجو اهو آهي ته هينئر تائين اڻ ڳڻين ماڻهن جو ڪردار سنتن جي سانچي ۾ ڍلجي چڪو آهي. دعوتِ اسلامي جي پليٽ فارمن تان ڪيترائي نوجوان علومِ حديث جي حاصلات ۽ اشاعت ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري رهيا آهن.

## (4) اندازِ گفتگو

موثر گفتگوءَ ۾ انداز کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇو ته انداز پلو هجي ته ڳالهه دل ۾ لهي ويندي آهي. تنهنڪري:

1. پاڻ سڳورا تڪڙ ۾ گفتگو نه فرمائيندا هئا، پر هڪ جملي تي رڪجي ويندا هئا ته جيئن ٻڌندڙ غور سان سمجهي وٺي. اها رفتار ايتري هئي جو جيڪڏهن ڪو لفظ ڳڻڻ چاهي ها ته ڳڻي وٺي ها. جيئن اُم المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي تڪڙ وانگر تڪڙي تڪڙي ڳالهه نه ڪندا هئا (بخاری،491/2،حدیث:3568) پاڻ ڳالهيون اهڙي

ريت ڪندا هئا جو جيڪڏهن ڪو ڳڻيندڙ ڳڻڻ چاهي ها ته انهن کي ڳڻي وٺي ها. (بخاری،2/491، حديث: 3567)

2. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گفتگو جو انداز ايترو واضح ۽ صاف هوندو هو جو ڳالهه پوريءَ طرح سمجهه ۾ اچي ويندي هئي. (ديکهيے:المواہب اللدنيه على الشمائل المحمديه،ص356)

3. رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڳالهه ٽي ڀيرا ورجائيندا هئا. جيئن حضرت اَنس بن مالِڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه کي (ڏکئي معنيٰ، اڻواقفيت يا ٻڌندڙن جي گهٽائي وغيره جي ڪري شفقت ۽ مهرباني فرمائيندي) ٽي ڀيرا ورجائيندا هئا ته جيئن سندن ڳالهه سمجهي سگهجي. (ديکهيے: المواہب اللدنيه على الشمائل المحمديه، ص353)

ضرورت جي ڪري ڪنهن ڳالهه کي ٽي ڀيرا ورجائڻ جا ڪيئي مثال حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن ۽ انهن سيني يا اڪثر حديثن کي سامهون رکڻ وارن تي هيءَ ڳالهه لڪيل ناهي ته انهن مان هر هڪ حديث ۾ ورجائي ويندڙ واري ڳالهه اسلام جي ڪنهن اهم تعليم تي مشتمل آهي، تڪرار جي هن طريقي جو نتيجو اهو نڪتو ته صحابهءِ ڪرام ان کي چڱي طرح ذهن نشين ڪيو ۽ انهن جي ئي برڪت سان اسان تائين حديثن جو هي ذخيرو اسلام جي روشن تعليمات جي صورت ۾ پهتو.

## (5) لفظن جي چونڊ

الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جوامعُ الڪلم جو معجزو عطا ٿيو هو جنهن جي ڪري پاڻ طويل گفتگو کي چند لفظن ۾ سميٽي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن جي زبان مان نڪرندڙ لفظ، لفظ معنيٰ ۽ مطالب جي سمنڊ لاءِ ڪوزو بڻجي ويندا هئا. اڄ به جيڪو حديثِ طيبه کي پڙهندو آهي، اهو مصطفيٰ جي لفظن جي تاثير پنهنجي دل ۾ ضرور محسوس ڪندو آهي.

## (6) لب ۽ لهجو

خوبصورت اندازِ گفتگو لفظن ۾ مٺاس پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوبصورت لب ۽ لهجي جون خاصيتون بيان ڪندي حضرت اُمِ معبد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش هوندا هئا ته پُروقار هوندا هئا ۽ جڏهن گفتگو فرمائيندا هئا ته چهرو پُرنور ۽ ٻهڪندڙ هوندو هو. گفتگو مٺي هوندي هئي، نه بي فائدو نه وري بي هوده. پاڻ سڳورن جي گفتگو ڄڻ موتين جي لڙي هئي، جنهن مان موتي ڇڻي رهيا هوندا هئا. (مستدرڪ،3/ 544، حديث:4333)

سندن بي مثال لب ۽ لهجي جا ڪجهه مثال ملاحظه ڪريو:

1. پاڻ سڳورن جي لهجي ۾ سختي نه هئي. حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون

ڏهه سال رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاريا، پر نہ ڪڏهن پاڻ مون تي ناراض ٿيا ۽ نہ ئي ڪڏهن مون کي ڇڙٻ ڏنائون، بلڪه هي بہ نہ فرمايائون تہ هي ڪم تو ڇو ڪيو؟ يا ڇو نہ ڪيو؟ (شمائل ترمذی، ص135)

2. سندن لب ۽ لهجو توهين ۽ حقارت کان پاڪ هو. هڪ دفعي هڪ ٻوناٽو مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ ڪنڊ ۾ وجي پيشاب ڪرڻ لڳو، صحابہءِ ڪرام ڪيس روڪڻ لڳا تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪيس نہ روڪيو، ڇڏي ڏيوس. (بخاری، 2 / 243، حديث : 2768، 4 / 110، حديث : 6038) جڏهن هن پيشاب ڪري ورتو تہ ڪيس گهرائي فرمايائون: هي مسجدون پيشاب ۽ گندگيءَ لاءِ ناهن، هي تہ ذڪرِ اِلاهي، نماز ۽ تلاوتِ قرآن لاءِ آهن. (ڇو تہ اول تہ هي ٻوناٽو شرعي احڪامن کان واقف نہ آهي ۽ ٻيو تہ پيشاب کي وچ ۾ روڪڻ طبي لحاظ کان نقصانڪار آهي (ديکهيے: مرأة المناجيح،1/325-326)) (هڪ روايت مطابق) اهو ٻوناٽو سندن انداز کان ايترو متاثر ٿيو جو ان چيو تہ: رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي طرف تشريف کڻي آيا، منهنجا ماءُ پيءُ مٿن قربان! پاڻ نہ مون کي ڇڙٻيو ۽ نہ ئي گهٽ وڌ ڳالهايو. (ديکهيے:مسلم،ص133،حديث:661) ڇو جو اهي نوان نوان مسلمان ٿيا هئا ۽ هن مسئلي کان اڻ واقف هئا ان ڪري هي عمل انهن کان ٿي ويو. (ابن ماجه، 1/300، حديث :529) نہ تہ شريعت جو حڪم هي آهي تہ ”مسجد ۾ پيشاب ڪرڻ حرام آهي.“ (مرقاۃ المفاتيح، 194/2)

3. رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم درست ڳالهہ سيکارڻ يا ڪنهن جي غلطي سڌارڻ لاءِ بہ لهجو درست رکڻ سيکاريو آهي. مثال طور جيئن تہ حضرت معاويہ بن حڪم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ مان حضور جي پويان نماز پڙهي رهيو هئس، ايتري ۾ ڪنهن کي نڇ (ڇڪَ) آئي، مون نماز ۾ ئي يَرْحَمُكَ اللّٰهُ چئي ڇڏيو. ماڻهو مون کي گهورڻ لڳا، مون چيو: توهان کي ڇا ٿيو؟ مون کي ڇو ڏسي رهيا آهيو؟ ان تي ماڻهن منهنجي رانُن تي هٿ هڻندي مونکي چپ ڪرائڻ لڳا، مان خاموش ٿي ويس. نماز مڪمل ٿي تہ حضور مون کي گهرايو. انهن تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ سٺو سيکاريندڙ مون ڪو بہ نہ ڏٺو. پاڻ نہ مون کي ماريو نہ گهٽ وڌ ڳالهايو، بلڪ فرمايائون: هن نماز ۾ ماڻهن جي گفتگو واري ڪا بہ شيءِ درست نہ هوندي آهي، نماز تہ تسبِيح، تڪبِير ۽ تلاوت جو نالو آهي. (بهار شريعت،ج 1/645)

## (7) گفتگو دوران مسڪراهٽ

حضرت اُمِ درداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا، حضرت ابو درداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي حوالي سان فرمائن ٿيون تہ هو ڳالهائيندي مسڪرائيندا هئا. جڏهن مون کانئن ان بابت پڇيو تہ جواب ڏنائون: مون رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو

تہ پاڻ گفتگو ڪندي مسڪرائيندا رهندا هئا. (مسلم، ص 215، حديث: 1199)

اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (8) ذڪرِ نعمت

نعمت ڪٿي ڪيتري بہ ننڍي هجي، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي قول ۽ فعل سان ان جي عظمت بيان فرمائيندا هئا. زبان سان ان نعمت جي ملي وڃڻ تي حمدِ اِلاهي بجا آڻيندا هئا ۽ ان ڪي رب جي رضا وارن ڪمن ۾ خرچ ڪري عملي شڪر ادا ڪندا هئا. ڪنهن بہ نعمت جي ڪڏهن بہ مذمت نہ فرمائي ڇو تہ هر نعمت الله ڪريم ئي عطا فرمائيندو آهي. (ديکهيے:مسنداحمد، 172/8، حديث: 21794) ڪاڌو ڪيڏي وڏي نعمت آهي، رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هن سلسلي ۾ طرزِ عمل هي هو جو پاڻ ڪڏهن بہ ڪاڌي ۾ عيب نہ ڪڍيو، جيڪڏهن پسند آيو تہ ڪائي ورتائون، نہ تہ ڇڏي ڏنائون. (ديکهيے: المواہب اللدنيہ على الشمائل المحمديہ، ص353)

ڳالهائڻ جو فن اڄ هڪ اِسڪِل طور پڙهايو وڃي ٿو. ماڻهن جو وڏو انگ طرحين طرحين ارادن سان هي فن سکي ٿي. ٽيڪنالاجي پوري دنيا تائين پنهنجي ڳالھ پهچائڻ ۾ ڪيترين ئي آسانيون پيدا ڪيون آهن، پر انهن سڀني سهولتن جي باوجود دنيا کي روزانو هڪ نئين بحران جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. جڏهن ان بحران جي پاڙ ڳولي وڃي ٿي تہ هيءَ ڳالھ واضح ٿئي ٿي تہ ان جو سڀ کان بنيادي سبب بدنيتيءَ سان چيل لفظ ۽ ڪيل ڪم آهن. الله ڪريم پوري دنيا کي هر قسم جي بحران مان نڪرڻ لاءِ هي بهترين اصول ڏنو آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو موجود آهي. (سيپارو: 21، الاحزاب: 21)

هن آيت تي عمل ڪندي جيڪڏهن اسان گفتگو جي انداز سميت زندگيءَ جي هر مرحلي ۾ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادا کي اپنايون تہ ڪيترين ئي مشڪلاتون ختم ٿي وينديون. انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي سڪون پيدا ٿيندو، همدردي ۽ خيرخواهي جي جذبي کي هٿي ملندي، ۽ حرص، لالچ توڙي دوکي جهڙين برائين جو خاتمو ٿيندو. الله ڪريم اسان کي سيرتِ مصطفيٰ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# احڪام تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1) اُڌار وڪرو ڪيل مال جي رقم مقرر وقت کان اڳ طلب ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ مون پنهنجي هڪ دوست کي ڇهن مهينن جي اُڌار تي ڪجهہ سامان وڪرو ڪيو هو، پر اڃا چار مهينا ئي گذريا آهن جو مون کي پئسن جي ضرورت پئجي وئي آهي. تہ ڇا مان ڪانئس اُڌار رقم جو فوري مطالبو ڪري سگهان ٿو؟

**جواب:** پڇيل صورت ۾ جڏهن اوهان ثمن (Price) جي ادائيگي لاءِ پنهنجي دوست کي مقرر مدت يعني ڇهن مهينن جي مهلت ڏني ۽ هن بہ اها مهلت قبول ڪري ورتي، تہ هي دَين (واجبُ الاَدا رقم) "ميعادي" مدي وارو ٿي ويو. هاڻي ان مدي جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ اوهان پنهنجي اُڌار رقم جو مطالبو نٿا ڪري سگهو، ڇو تہ فقهاءِ ڪرام جي وضاحت مطابق جڏهن ڪنهن دَين لاءِ گڏيل رضامنديءَ سان ڪو مدو طئي ڪيو وڃي تہ اهو مدو لازم ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ دائن (جنهن جو قرض هجي ان) کي اهو حق حاصل ناهي رهندو تہ مقرر مدي کان اڳ رقم جي ادائيگي جو مطالبو ڪري، ڇو تہ اها مهلت مديون (جنهن جي ذمي قرض هجي ان) جو حق بڻجي چڪي هوندي آهي، ۽ مديون جو حق ڪو ٻيو ساقط (ختم) نٿو ڪري سگهي. البتہ جيڪڏهن سامهون وارو راضي هجي تہ هو رقم وقت کان اڳ ڏئي سگهي ٿو.

بهارِ شريعت ۾ آهي: "بائع (وڪڻندڙ) جيڪڏهن سودي کان پوءِ مشتري (خريدار) کي قيمت جي ادائيگي لاءِ مهلت ڏني يعني ان لاءِ مدو مقرر ڪيو ۽ خريدار بہ اهو قبول ڪري ورتو تہ اهو دَين ميعادي ٿي ويو، يعني وڪڻندڙ تي اهو مدو لازم ٿي ويو، هو ان کان اڳ مطالبو نٿو ڪري سگهي. هر دَين جو اهو ئي حڪم آهي تہ جيڪڏهن ميعادي نہ هجي ۽ پوءِ مدو مقرر ڪيو وڃي تہ اهو ميعادي ٿي ويندو آهي، پر مديون جو قبول ڪرڻ شرط آهي، جيڪڏهن هن انڪار ڪري ڇڏيو تہ ميعادي نہ ٿيندو، ان جي ادائيگي فوري طور واجب هوندي ۽ دائن جڏهن چاهيندو مطالبو ڪري سگهندو.

(بهارِ شريعت،752/2)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلہٖ وسلَّم

## (2) ڪوٽيشن پاس ڪرائڻ لاءِ مينيجر کي ڪميشن ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته مان اي سي ڊڪٽ سروس جو ڪم ڪندو آهيان، ڪجهه ادارا اهڙا هوندا آهن جن کي ڪم ڪرائڻو هوندو آهي، اهي اسان کان ڪوٽيشن گهرندا آهن، جنهن ۾ سروس چارجز ۽ مڪمل تفصيل هوندا آهن ته اسان هي ڪم ايترن پئسن ۾ ڪري ڏينداسين. مون جيان ٻيا ماڻهو به ڪوٽيشن ڏيندا آهن. اداري جا مينيجر وغيره چوندا آهن ته اسان اوهان جي ڪوٽيشن اوڪي (منظور) ڪري ڏينداسين، پر ڪم ڪرڻ کان پوءِ ادارو اوهان کي جيڪا رقم ڏيندو، ان مان اسان ڪميشن وٺنداسين. جيڪڏهن اسان ڪميشن ڏيڻ تي راضي نه ٿيون ته هو ڪنهن ٻئي جي ڪوٽيشن منظور ڪري ڇڏيندو. ته ڇا اسان ڪوٽيشن پاس ڪرائڻ لاءِ اها شرط مڃي سگهون ٿا يا نه؟ ۽ ان شرط تي ڪم وٺي مينيجر کي ڪميشن ڏئي سگهون ٿا يا نه؟

**جواب:** پڇيل صورت ۾ اوهان جو ڪوٽيشن پاس ڪرائڻ لاءِ مينيجر کي پئسا ڏيڻ ۽ مينيجر جو اهي پئسا وٺڻ رشوت آهي. ان جو سبب اهو آهي ته پنهنجو ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن کي پئسا ڏيڻ رشوت سڏبو آهي، اهڙي طرح جيڪو ڪم پنهنجي عهدي جي ڪري اڳي ئي ڪرڻ لازم هجي، ان ڪم جا پئسا وٺڻ به رشوت جي زمري ۾ اچي ٿو ۽ رشوت جو ڏيڻ وٺڻ ناجائز ۽ حرام آهي. تنهنڪري ان کان بچڻ لازم آهي.

ترمذي شريف ۾ آهي: ”لعن رسول الله صلَّى اللهُ عليه وسلَّم الراشی والمرتشی“ يعني رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رشوت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ تي لعنت فرمائي آهي. (ترمذی،3/614)

شامي ۾ آهي: ”الرشوة بالكسر مايعطيه الشخص الحاكم وغيره ليحكم له او يحمله على ما يريد“ يعني رشوت اهو مال آهي جيڪو ڪو شخص حاڪم يا ڪنهن ٻئي کي ان لاءِ ڏئي ته هو ان جي حق ۾ فيصلو ڪري يا ڪيس پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم تي راغب ڪري. (رد المحتار،8/34)

امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”رشوت وٺڻ مطلقاً حرام آهي، ڪنهن به حالت ۾ جائز ناهي. جيڪو ٻئي جو حق دٻائڻ لاءِ ڏنو وڃي، اها رشوت آهي. اهڙي طرح جيڪو پنهنجو ڪم ڪرائڻ لاءِ حاڪم کي ڏنو وڃي، اها به رشوت آهي. (فتاویٰ رضویہ،23/597)

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (3) موٽر مان نڪرندڙ ڪاپر (ٽامو) پاڻ وٽ رکي ڇڏڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته منهنجو موٽر وائنڊنگ جو ڪم آهي. ڪاپر (ٽامي) ۾ تيار ٿيل موٽر جڏهن سڙي ويندو آهي ۽ مون وٽ ٺهڻ لاءِ

ايندو آهي، تہ ان مان جيڪو پراڻو ڪاپر نڪرندو آهي اهو وڏيڪ قيمت جو يعني تقريباً 2500 کان 3000 رپين جو هوندو آهي. مان گراهڪ کي ٻڌائي ڇڏيندو آهيان تہ ايترو ڪاپر نڪتو آهي جنهن جي قيمت ايتري آهي ۽ پوءِ ان رقم کي موٽر ٺاهڻ جي مزدوريءَ ۾ ايڊجسٽ ڪري وٺندو آهيان. پر جڏهن ڪو سلور ۾ تيار ٿيل موٽر ٺهڻ لاءِ ايندو آهي، تہ ان مان تمام گهٽ قيمت جو يعني سو يا ڏيڍ سو رپين جو سلور نڪرندو آهي. مان اهو سلور اسڪريپ (ڪٻاڙ) طور پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو آهيان ۽ گراهڪ کي نہ اهو سلور ڏيندو آهيان ۽ نہ ئي ان جي قيمت مزدوريءَ ۾ ايڊجسٽ ڪندو آهيان. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا منهنجو اهڙي طرح اسڪريپ سلور گراهڪ کي ٻڌائڻ کانسواءِ پاڻ وٽ رکڻ درست آهي؟

**جواب:** پڇيل صورت ۾ اوهان لاءِ موٽر مان نڪرندڙ پراڻو سلور پاڻ وٽ رکڻ جائز ناهي.

ان جو سبب اهو آهي تہ مذڪوره ڪم ۾ اوهان جي حيثيت اجيرِ مشترڪ جي آهي ۽ اجيرِ مشترڪ وٽ ماڻهن جون شيون امانت هونديون آهن. تنهنڪري موٽر وائنڊنگ دوران موٽر مان نڪرندڙ پراڻو سلور، چاهي ان جي قيمت سو، ڏيڍ سو هجي يا ان کان وڌيڪ، اهو موٽر جي مالڪ جي ملڪيت آهي ۽ اوهان جي هٿ ۾ امانت آهي. ان ڪري اوهان تي لازم آهي تہ جنهن موٽر مان جيترو سلور نڪري اهو ان جي مالڪ جي حوالي ڪريو، ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ جيتري قيمت جو اهو سلور هجي ايتري رقم مالڪ کي ڏني وڃي. مالڪ جي اجازت کانسواءِ ان سلور کي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ يا پاڻ وٽ رکي پوءِ وڪڻڻ گناهہ ۽ ناحق طريقي سان ٻين جو مال کائڻ آهي. مالڪ جي واضح يا اشارتي اجازت کانسواءِ ان کي استعمال نٿو ڪري سگهجي.

رد المحتار ۾ آهي: ”لایجوز لاحد من المسلمین اخذ مال احد بغیر سبب شرعی“ ڪنهن بہ مسلمان لاءِ اهو جائز ناهي تہ شرعي سبب کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو مال وٺي.

(رد المحتار علی الدر المختار، 61/4)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم






# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

ربيعُ الآخر اسلامي سال جو چوٿون مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابہِ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال ٿيو، انهن مان 117 بزرگن جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جي ربيعُ الآخر 1439ھ کان 1447ھ تائين جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي. وڌيڪ 11 اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ اسلام جو تعارف ملاحظ فرمايو:

## اولياءِ مشائخ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام

(1) ميران سيد عبدالرزاق قادري بغدادي بيجاپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش غوثِ اعظم جي خاندان ۾ بغداد، عراق ۾ ٿي ۽ 22 ربيعُ الآخر 1051ھ تي بيجاپور، ڪرناٽڪ هندستان ۾ وصال فرمايائون. سندن مزار مبارڪ جوڙ گنبد جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ قطب الوقت، وحيد العصر، ڪثير الفيض ۽ قادري سلسلي جي وڏن مشائخن مان هئا. (تذکرة الانساب،ص108)

(2) حضرت شاھ سيد نورالعلا نقشبندي ابوالعلائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عالمِ دين، صاحبِ صدق و صفا، ڪثير الفيض ۽ پنهنجي والدِ گرامي حضرت شاھ ابوالعلا احراري جا سجاده نشين هئا. حضرت شاھ وليُ الله محدث دهلوي جي والدِ گرامي شاھ عبدالرحيم دهلوي انهن کان ئي خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هو. سندن وصال 7 ربيعُ الآخر 1090ھ تي ٿيو، آگرا سٽي يوپي، هندستان ۾ پنهنجي والد جي قدمن ۾ تدفين ڪئي وئي. (آگرہ کے283اولیائے کرام کی سیرت، ص183)

(3) راشدي خاندان (پير پاڳارا) جا ڏاڏا سائين، حضرت ميان پير سائين سيد محمد بقا شاھ شهيد پَٽ ڌڻي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 1135ھ ۾ رسول نندي سائيدي، ضلعو خيرپور ميرس جي حسيني سادات گهراڻي ۾ پيدا ٿيا ۽ 9 ربيعُ الآخر 1198ھ تي شهيد ٿيا. مزار مبارڪ قصبو شيخ طيب ضلعو خيرپور ميرس (سنڌ) ۾ آهي. پاڻ ظاهري توڙي باطني علمن جا جامع، پير سيد عبدالقادر جيلاني (آستانہ عاليہ چناھ شريف، ڪوٽ سڌانا ضلع جهنگ) مخدوم اسماعيل روهڙي چشتي نقشبندي جا فيض يافتہ، سنڌي ٻوليءَ جا بلند پايہ شاعر، شيخ طريقت ۽ رشد و هدايت جا پيڪر هئا. (تذکرہ اولیائے سندھ،ص360، 361)

(4) حضرت علامہ گل پير قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پير محمد قاسم انگوي قادري جا پڙ پوٽا ۽ پير چراغ علي انگوي جا فرزند هئا. پاڻ

آستانہ قادريه قاسميه ڏوڏا شريف جا باني، صاحبِ مجاهده، قصيده غوثيہ جا عامل ۽ صاحبِ ڪرامت هئا. پاڻ انگه شريف واديءِ سون سڪيسر، ضلع خوشاب ۾ پيدا ٿيا ۽ 10 ربيعُ الآخر 1331ھ تي وصال فرمايائون. مزار مبارڪ ڏوڏا شريف ضلع گجرات ۾ آهي. (خوشاب سرزمين اولياء،ص62تا65)

(5) جمالِ ملت حضرت مولانا پير سيد جمال الدين شاهہ ڪاظمي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ سندن پيدائش خانقاه خواجہ آباد ضلع ميانوالي ۾ ٿي ۽ اتي ئي 5 ربيعُ الآخر 1420ھ تي وصال ڪيائون. پاڻ علامہ عطا محمد بنديالوي جا شاگرد، دارالعلوم امجديہ ڪراچي جا فاضل، پنهنجي والد پير سيد ڪمال الدين شاهہ جا مريد ۽ خليفا، جامعه قمر العلوم فريديہ ڪراچي جا باني ۽ اهلِ سنت جا متحرڪ اڳواڻ هئا. (تذکره علمائے اہل سنت میانوالی،ص 205، 206)

(6) پيرِ طريقت صوفي اقبال احمد نوري رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ پاڻ 1340ھ ۾ صوفي عزيز احمد حامدي جي گهر بريلي شريف يوپي، هندستان ۾ پيدا ٿيا. پاڻ دارالعلوم منظرِ اسلام بريلي جا مستفيض، مفتي اعظم هند جا خليفا، ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف ۽ ماهوار نوري ڪرن بريلي جا مدير هئا. سندن 14 ڪتابن مان شمع شبستانِ رضا ۽ شمع شبستانِ نوري کي وڏي شهرت ملي. وصال 6 ربيعُ الآخر 1425ھ تي ٿيو، مزار شريف جاءِ پيدائش آهي. (ملخص از تذکره حیات و خدمات صوفی اقبال احمد نوری)

## علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام

(7) حضرت مولانا حفيظ الله فرنگي محلي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ پاڻ لکنؤ هندستان جي علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا ۽ 20 ربيعُ الآخر 1279ھ تي وصال فرمايائون. ڪين لکنؤ ۾ باغ مولانا انوارالحق ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ سلطنتِ اوده جي طرفان فيض آباد جا منتظم ۽ مهتمم هئا. عدالتي مصروفيتن سان گڏ سڄي زندگي درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائون. (تذکرهٔ علمائے ہند،ص167)

(8) مناظرِ اسلام مولانا آلِ حسن موهاني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي پيدائش تقريباً 1202ھ ۾ ۽ 17 ربيعُ الآخر 1287ھ تي وفات ٿي. تدفين مقامي قبرستان، محله پڪرا، قصبه موهان ضلع انائو هندستان ۾ ٿي، پاڻ مشهور عالمِ دين، صاحبِ تصنيف، عيسائيت کي شڪست ڏيندڙ، فنِ مناظره جا ماهر ۽ دهليءَ ۾ وڪالت جي شعبي سان وابستہ هئا. ڪجهہ وقت رياست حيدرآباد ۾ ناظم صدارت العاليہ جي عهدي تي پڻ رهيا. تنقيح العبادات ۽ الاستفسار سندن اهم ڪتاب آهن. (ماہنامہ معارف رضا، نومبر2015،ص34تا36)

(9) عالمِ جليل شيخ علامہ عبدالحق جاوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي پيدائش 1285ھ ۾ مڪي شريف ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي ناني امام محمد نووي ۽ مڪي جي ٻين عالمن کان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. پاڻ حافظِ قرآن، فاضل نوجوان، عقلي توڙي نقلي علمن جا

ماهر، علمِ فلڪيات جا ڄاڻو ۽ مڪي پاڪ جا مدرس ۽ شيخ نووي جي شبيه هئا. ڪيئي شاگردن انهن ڪان علمِ دين حاصل ڪيو. سندن ڪتاب تدريج الادانی الی قراءة شرح التفتازانی شاگردن ۾ مقبول آهي. سندن وصال 19 ربيعُ الآخر 1324ھ تي ٿيو، تدفين مُعليٰ قبرستان ۾ ڪئي وئي. (تحفة الراوی، ص 13- فیض الملک المتعالی، ص1136-نشرالنور،ص233)

(10) مستفتي اعليٰ حضرت مولانا ميان احمد شيخ خاڪي قادري سهروردي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش شيخ برادري ۾ ٿي، علمِ دين ۽ تصوف پنهنجي مرشد مولانا ميان محمد بخش پنڊوڙوي ڪان حاصل ڪيائون. پاڻ پنجابي، فارسي ۽ اردو جا شاعر هئا ۽ خاڪي تخلص استعمال ڪندا هئا. پاڻ نهايت سٺا ڪاتب هئا، پنهنجي هٿ سان 7 عدد قرآن پاڪ لکيائون. پاڻ وقت جا فقيه، عالِم باعمل هئا. متقي ۽ پرهيزگار هئا، سندن 13 تصانيف آهن. 23 ربيعُ الآخر 1343ھ تي وصال فرمايائون. تدفين موهڙي راجگان تحصيل گجرخان ضلع راولپنڊي ۾ ٿي. (گوجر خان کے سہروردی مشائخ، ص 549تا562)

(11) رياضُ الملت، شيخ الحديث والتفسير حضرت مولانا مفتي محمد رياض الدين قادري چشتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ 1351ھ ۾ موضع لنگر ضلع اٽڪ ۾ پيدا ٿيا ۽ 13 ربيعُ الآخر 1421ھ تي وصال فرمايائون. پاڻ جيد عالِم، محدثِ اعظم پاڪستان جا شاگرد ۽ خليفا، مفسرِ قرآن (تفسير رياض القرآن مع ترجمو رياضُ الايمان)، بهترين مدرس، ڪثيرُ التلاميذ، شيخ طريقت، باني آستانہ عاليہ فيض آباد شريف ۽ نعت گو شاعر هئا پاڻ لڳ ڀڳ 50 ڪتابن جا مصنف آهن. (تذکرہ علمائے اہل سنت ضلع اٹک، ص372تا378)



ٻارن لاءِ پياري حديث

# راز (Secret) جي حفاظت ڪريو

**محمد جاويد عطاري مدني**

اسان جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَلْمَجَالِسُ بِالْاَمَانَةِ يعني مجلسون امانت آهن.

(ابوداؤد، 4/351، حديث: 4869)

مطلب ته جڏهن ڪا خاص مجلس يا ميٽنگ ڪئي وڃي، اتي جيڪو ڪجهه طئي ٿئي ان کي عام نه ڪريو پر راز ۾ رکو، ڇو ته اتي جيڪو ڪجهه فيصلو ٿيو اهو امانت (يعني راز) آهي. (مراة المناجيح، 6/630 )

راز اهو آهي ته جڏهن امڙ، بابا، استاد يا ڪو دوست اوهان کي ڪا ڳالهه ٻڌائي ۽ چوي ته ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ ته ان کي راز چئبو آهي.

راز جي حفاظت ڪرڻ تمام سٺي عادت آهي. جيڪو ٻار ٻين جا راز لڪائيندو آهي، ماڻهو ان تي ڀروسو ڪرڻ لڳندا آهن، ان جي عزت وڌي ويندي آهي ۽ ڪيس امانتدار سمجهندا آهن. پر جيڪو ٻار ٻين جي راز جون ڳالهيون هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڇڏيندو آهي، ان جون دوستيون ٽٽي پونديون آهن ۽ ماڻهو ڪانئس پري پري رهڻ لڳندا آهن، ڪيس گهٽ عقل سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري اسان کي ٻين جي راز وارين ڳالهين کي هميشه لڪائي رکڻ گهرجي.

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ عظيم صحابي آهن جيڪي ننڍپڻ کان ئي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيا. پاڻ ننڍي هوندي ٻه رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي راز جي حفاظت ڪندا هئا. پاڻ فرمائن ٿا ته مان ٻارن سان گڏ کيڏي رهيو هئس ته پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اتي تشريف کڻي آيا ۽ سلام ڪرڻ کانپوءِ مون کي هڪ خاص ڪم سان ڪيڏانهن موڪليائون. ان ڪم جي ڪري مونکي گهر پهچڻ ۾ دير ٿي وئي، ته امڙ پڇيو: پٽ! توکي دير ڇو ٿي؟ مون جواب ڏنو: مون کي الله جي رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڪم سان موڪليو هو. امڙ پڇيو: اهو ڪهڙو ڪم هو؟ مون عرض ڪيو: امڙ! اهو هڪ راز (Secret) آهي. ته امڙ فرمايو: پٽ! پوءِ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو راز ڪنهن کي به هرگز نه ٻڌائجانءِ.

(مسلم، ص 1035، حديث: 6378 )

رڳو ٻار ئي نه پر وڏا صحابهءِ ڪرام به راز جي حفاظت ڪندڙ هئا. حضرت حذيفه بن يمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ته رازدارِ مصطفيٰ جي

نالي سان ئي مشهور آهن، چو تہ پاڻ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ راز سڄي زندگي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو هئائون.

پيارا ٻارئو! ڏٺو اوهان! هڪ ننڍڙي ٻار حضرت اَنس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪان وٺي وڏي صحابي حضرت حذيفہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تائين، سڀني راز جي حفاظت کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻايو.

سٺا ٻارئو! اسان کي گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو دوست، ڀيڻ ڀاءُ يا گهر جو ڪو ڀاتي اسان کي ڪا راز جي ڳالهہ ٻڌائي تہ ان کي ڪنهن سان بہ شيئر نہ ڪريون. اهڙي طرح جڏهن بابا، امڙ يا وڏو ڀاءُ وغيره ڪنهن نئين ڪاروبار يا بجيٽ جي منصوبا بندي بابت ڳالهائين، يا گهر ۾ ڪنهن جي شاديءَ جي ڳالهہ هلندڙ هجي، تہ اهي ڳالهيون بہ گهر جا راز آهن، اهي ڳالهيون گهر جي چار ديواريءَ اندر ئي رهڻ گهرجن. اهڙي طرح ڪجهہ ٻار پنهنجي گهر جي کائڻ پيئڻ، خريد و فروخت وغيره جي هر ڳالهہ ٻين کي ٻڌائيندا رهندا آهن، ڪين بہ ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ياد رهي تہ جيڪڏهن ڪو راز ڪنهن مسلمان کي نقصان پهچائڻ بابت هجي، يا ڪنهن جو مال چورائڻ بابت هجي، يا ڪنهن تي ظلم ڪرڻ بابت هجي، تہ اهو راز ناهي. اهڙي ڳالهہ لڪائڻ بدران ترت پنهنجي امڙ، بابا يا ڪنهن وڏي کي ٻڌائڻ گهرجي.

الله پاڪ اسان کي راز جي حفاظت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# ڏيئرن کي توڪل علي الله جي تربيت ڏيو

اُمِّ ميلاد عطاريہ

الله پاڪ انسان کي هن دنيا ۾ آزمائش لاءِ موڪليو آهي ۽ هر حال ۾ پنهنجي ذات تي ڀروسو ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. قرآنِ ڪريم ۾ بار بار اهلِ ايمان کي توڪل جي تلقين فرمائي وئي آهي. ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ الله تي ئي مسلمانن کي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. (سيپارو: 4، آلِ عمران: 122)

هڪ ٻئي مقام تي فرمايو ويو:

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري ته اهو ان کي ڪافي آهي.
(سيپارو: 28، الطلاق: 3)

والدين، خاص ڪري مائرن جي اها اهم ذميواري آهي تہ اهي پنهنجي ڏيئرن جي اهڙي تربيت ڪن، جو سندن دلين ۾ الله پاڪ تي ڪامل اعتماد، ان جي رحمت تي يقين ۽ هر حال ۾ مٿس ڀروسو ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي، ڇو تہ اها ئي ايمان جي مضبوطي ۽ زندگيءَ جي سڪون جو اصل راز آهي.

اڄوڪي دور ۾ والدين پنهنجي ڏيئرن کي اعليٰ دنياوي تعليم، جديد هنر، سٺي ملازمت ۽ روشن مستقبل ڏيڻ لاءِ تہ تمام گهڻو فڪرمند نظر ايندا آهن، پر اهو فڪر نسبتاً گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ اسان جي نياڻي الله پاڪ تي ڪيترو اعتماد رکي ٿي؟ هوءَ مشڪل وقت ۾ ڪنهن ڏانهن رجوع ڪري ٿي؟ سندس دل سببن (Means) تي وڌيڪ ڀروسو ڪري ٿي يا سبب پيدا ڪندڙ رب تي؟ جيڪڏهن صحيح تربيت جي ڪري ڌيءَ جي دل ۾ توڪل پيدا ٿي وڃي تہ هوءَ ڪاميابيءَ تي غرور نہ ڪندي ۽ ناڪاميءَ تي مايوس بہ نہ ٿيندي، بلڪ هر حال ۾ پنهنجي رب جي فيصلي تي راضي رهڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي.

ڏيئرن ۾ توڪل جي تربيت جي شروعات نندپڻ کان ئي ٿيڻ گهرجي. سڀ کان پهريان والدين پاڻ الله پاڪ تي اعتماد ڪندڙ هجن، ڇو تہ ٻار نصيحت کان وڌيڪ والدين جي ڪردار مان سکندا آهن. جيڪڏهن گهر ۾ ڪنهن بيماري، مالي پريشاني يا ڪنهن ٻي آزمائش وقت والدين بي صبري ۽ شڪايت ڪرڻ بدران الله پاڪ کان دعا گهرن، صبر اختيار ڪن

۽ ٻارن جي سامهون ائين چون ته ”الله پاڪ اسان لاءِ بهتر فيصلو فرمائيندو“ ته اهڙي قِسم جا لفظ ۽ رويو ڌيئرن جي دل ۾ الله پاڪ تي اعتماد پيدا ڪندو.

ڌيئرن کي اهو به سمجهايو وڃي ته توڪل جو مطلب هٿ تي هٿ رکي ويهڻ ناهي، بلڪ جائز سبب اختيار ڪرڻ کانپوءِ نتيجو الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏڻ آهي. رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اوهان الله تي اهڙو ڀروسو ڪريو جهڙو مٿس ڀروسو ڪرڻ جو حق آهي، ته هو اوهان کي اهڙي طرح رزق عطا فرمائيندو جهڙي طرح پکين کي ڏئي ٿو، جيڪي صبح جو خالي پيٽ نڪرن ٿا ۽ شام جو پيٽ ڀري واپس اچن ٿا. (ابن ماجه، 4/452، حديث: 4164) غور ڪريو ته پکي پنهنجي آکيرن ۾ ويٺا نٿا رهن بلڪ ڪوشش ڪن ٿا ۽ پنهنجي رب تي اعتماد به رکن ٿا. اها ئي حقيقي توڪل آهي جنهن جي تعليم ڌيئرن کي ڏيڻ گهرجي.

ڌيئرن جي دلين ۾ الله پاڪ جي قدرت ۽ رحمت جو يقين پيدا ڪرڻ لاءِ ڪين قرآنِ ڪريم جا ايمان افروز واقعا ٻڌايا وڃن. ڪين ٻڌايو وڃي ته جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي باهه ۾ وڌو ويو ته ڪين پنهنجي رب تي ڀروسو هو، الله پاڪ باهه کي سندن لاءِ ٿڌو ۽ سلامتيءَ وارو بڻائي ڇڏيو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن درياءَ جي ڪناري پهتا ۽ پويان فرعون جو لشڪر هو، ته پاڻ فرمايائون:

قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِیَ رَبِّیْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: موسيٰ فرمايو! هرگز نه بيشڪ مون سان گڏ منهنجو رب آهي.

(سيپارو: 19، الشعرا: 62)

الله پاڪ درياءَ ۾ رستو بڻائي ڇڏيو. اهڙي طرح حضرت مريم رضي الله عنها جي ڪفالت ۽ رزق جا واقعا ڌيئرن کي اهو يقين ڏيارين ٿا ته الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي ڪڏهن به اڪيلو ناهي ڇڏيندو.

ڌيئرن کي دعا جي عادت وجهڻ به توڪل جي بهترين تربيت آهي، ڇو ته دعا ٻانهي جي طرفان الله پاڪ تي اعتماد جو عملي اظهار آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: مون کان دعا ڪيو مان توهان جي دعا قبول ڪندُس.

(سيپارو: 24، المؤمن: 60)

ٻارڙين کي سيکاريو وڃي ته هر ڪم کان پهريان الله پاڪ کان دعا گهرن، امتحان کان اڳ، سفر کان اڳ، بيماريءَ وقت ۽ هر ضرورت ۾ سڀ کان پهريان پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪن. جڏهن سندن زندگيءَ جو هر مرحلو دعا سان جڙيل

هوندو تہ سندن توڪل بہ مضبوط ٿيندو ويندو.

ڏيئرن کي اهو بہ سيکاريو وڃي تہ مشڪلاتون زندگيءَ جو حصو آهن ۽ مؤمن ڪڏهن بہ مايوس ناهي ٿيندو. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کي نصيحت ڪندي فرمايو: الله جي حقن جي حفاظت ڪر، الله تنهنجي حفاظت فرمائيندو، جڏهن بہ گهرين تہ الله کان ئي گهر ۽ جڏهن مدد چاهين تہ الله کان ئي مدد گهر. (ترمذي، 4/231، حديث:2524) اها حديث ٻارن ۽ نوجوانن جي تربيت جو بهترين اصول آهي، جو تہ ان سان دل صرف الله پاڪ ڏانهن متوجہ رهي ٿي.

ڏيئرن ۾ توڪل پيدا ڪرڻ لاءِ ديني مطالعو بہ تمام ضروري آهي. ڪين قرآنِ ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا واقعا، سيرتِ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ بزرگن جي حالتن تي ٻڌل ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏني وڃي. خاص ڪري مڪتبۃُ المدينہ جا اهڙا ڪتاب جن ۾ ايمان، دعا، صبر، شڪر ۽ الله پاڪ تي اعتماد جا مضمون آسان انداز ۾ بيان ٿيل هجن، انهن جو مطالعو ڪرايو وڃي. مائرن کي گهرجي تہ پاڻ بہ ديني ڪتابن جو مطالعو ڪن تہ جيئن ڌيئون سندن نقشِ قدم تي هلن.

اهڙي طرح مدني چينل تان نشر ٿيندڙ اصلاحي پروگرامن، خاص ڪري ”مدني مذاڪري“ سان ڌيئرن جو تعلق قائم ڪيو وڃي. انهن پروگرامن ۾ قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ توڪل، صبر، دعا، شڪر، حسنِ اخلاق ۽ اسلامي طرزِ زندگيءَ بابت تمام آسان انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن گهر جا سڀ ڀاتي ملي اهڙا پروگرام ڏسن ۽ انهن ۾ بيان ٿيل ڳالهين تي گفتگو ڪن تہ ڌيئرن جي ديني ۽ روحاني تربيت ۾ وڏي مدد ملندي.

گهر جي ماحول کي بہ اهڙو بڻايو وڃي، جتي هر نعمت تي ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو وڃي، هر جائز ۽ نيڪ ڪم کان پهريان ”بسم الله“ پڙهي وڃي، هر مشڪل ۾ الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪيو وڃي ۽ هر معاملي ۾ دعا جو اهتمام هجي. ڌيءَ جڏهن پنهنجي ماءُ کي هر خوشي ۽ غم ۾ الله پاڪ تي ڀروسو ڪندي ڏسندي تہ سندس دل ۾ بہ اهو يقين پيدا ٿيندو تہ اصل سهارو صرف الله پاڪ جي ذات آهي.

ياد رکو! ڌيئرن جي بهترين تربيت صرف ڪين دنياوي ڪاميابي ڏيارڻ ناهي، بلڪ ڪين اهڙو مضبوط ايمان عطا ڪرڻ آهي تہ زندگيءَ جي هر خوشي ۽ هر آزمائش ۾ سندن دل پنهنجي رب سان وابستہ رهي.

رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ منهنجي امت ۾ ستر هزار اهڙا خوش نصيب ماڻهو هوندا جيڪي حساب ڪتاب کان سواءِ جنت ۾ داخل ٿيندا، سندن صفتن ۾ هي بہ آهي تہ اهي پنهنجي رب تي ڪامل ڀروسو ڪندا آهن. (بخاري، 4/23، حديث: 5704) اها فضيلت ان ڳالهہ جي دليل آهي تہ توڪل الله پاڪ کي تمام گهڻو پسند آهي.

الله پاڪ پاڻ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ یُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِیْنَ(۱۵۹)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله توڪل ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي.
(سيپارو: 4، آلِ عمرن: 159)

ان ڪري والدين، خاص ڪري مائرن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ڌيئرن جي دل ۾ الله پاڪ جي محبت، ان جي قدرت تي يقين، دعا جو ذوق، صبر و شڪر جي عادت ۽ توڪل علي الله جي عظيم دولت پيدا ڪن، ڪين قرآن و سنت سان وابستہ ڪن، ديني مطالعي جي ترغيب ڏين، مدني چينل ۽ مدني مذاڪري سان جوڙين ۽ اهڙو ديني ماحول فراهم ڪن جتي هر معاملي ۾ اعتماد صرف الله پاڪ جي ذات تي هجي. اها ئي تربيت ڌيئرن کي مضبوط ايمان، پرسڪون زندگي ۽ دنيا و آخرت جي حقيقي ڪاميابي عطا ڪندي.





# مڪار پوڙهو

مولانا حيدر علي مدني

بريڪ کان پوءِ پهريون پيريڊ شروع ٿي چڪو هو، پر سر سجاد اڃا تائين ڪلاس ۾ نہ آيا هئا. شاگرد سبق جي ورجاءَ (دهرائي) کان پوءِ هاڻي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري چڪا هئا. ڪلاس مانيٽر معاويه، اسيد رضا کي ٻارن جي نگرانيءَ لاءِ بيهاريو ۽ پاڻ سر سجاد کي ڏسڻ لاءِ هليا ويا. اسٽاف روم جو دروازو کڙڪائي جڏهن هو اندر داخل ٿيا تہ سڄو ڪمرو خالي هو، رڳو سر بلال ميز جي ڪناري تي رکيل ڪرسيءَ تي ويٺا ڪنهن ڪتاب جي مطالعي ۾ مگن هئا.

السلام عليڪم! سر، توهان سر سجاد کي ڏٺو آهي؟ معاويه سر بلال کان پڇيو، پر شايد سر کي ٻڌڻ ۾ نہ آيو. معاويه ٿورو اڳتي وڌي ڪجھ وڏي آواز سان ٻيهر سوال ڪيو، پر تڏهن بہ ڪو جواب نہ مليو. جڏهن ٽئين ڀيري هن وڌيڪ وڏي آواز سان "سر!" چيو تہ سر بلال گهمي ڏٺو. سر، معاويه کي سواليہ نظرن سان ڏسي رهيا هئا، جنهن تي معاويه سمجهي ويو تہ سر کي منهنجو آواز نہ ٻڌڻ ۾ آيو هو. هن ٻيهر پڇيو: "سر، ڇا سر سجاد اڄ نہ آيا آهن؟"

سر بلال وراڻيو: "نہ شايد، پٽ! توهان ڊسپلن آفيسر کان پڇي وٺو، هو گيلريءَ ۾ هوندا." ايترو چئي سر ٻيهر ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

ڊسپلن آفيسر ٻڌايو تہ سر سجاد اڄ موڪل تي آهن، توهان ڪلاس ۾ وڃو، مان ڪنهن ٻئي استاد کي توهان جي ڪلاس ڏانهن موڪليان ٿو. معاويه ڪلاس ۾ اچي ويٺا ئي هئا تہ پنيان سر بلال هليا آيا.

سلام ۽ حال احوال کان پوءِ سر بلال جڏهن سبق بابت پڇيو تہ سيني ٻارن گڏجي چيو تہ "سر! اڄ ڪو اسلامي واقعو ٻڌايو." ٻارن جي فرمائش تي سر بلال ڪرسيءَ تي ويهي رهيا. تڏهن معاويه اٿي بيٺا ۽ چيائون: "سر! ائين ڪريو جو اڄ جيڪو ڪتاب توهان پڙهي رهيا هئا، ان مان ئي ڪا ڳالھ ٻڌايو. توهان جنهن توجھ سان اهو پڙهي رهيا هئا، پڪ سان اهو ڪو ڏاڍو دلچسپ ڪتاب هوندو."

سر بلال اها ڳالھ ٻڌي ڪجھ دير سوچڻ لڳا ۽ پوءِ چيائون: "دراصل مان اڄڪلھ انهن مسلمانن جي تاريخ پڙهي رهيو آهيان، جن شروع کان وٺي اڄ تائين 'ختمِ نبوت' جي نالي تي پنهنجيون جانيون قربان ڪيون آهن. ڇا توهان کي

خبر آهي تہ مسلمانن مان سڀ کان پهريان ختمِ نبوت جي دشمنن خلاف جهاد ڪنهن ڪيو هو؟

سر بلال جي سوال تي سڄو ڪلاس خاموش رهيو، تہ سر پاڻ ٻڌائڻ لڳا: ”ختمِ نبوت جي دشمنن خلاف سڀ کان پهريان جهاد ڪندڙ حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هئا. اچو تہ پوءِ شروع کان شروعات ڪريون. 10 هجريءَ ۾ بني حنيفہ قبيلي جو هڪ وفد (Delegation) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هڪ شخص ’مسيلمہ ڪذاب‘ کان سواءِ سڄي وفد اسلام قبول ڪري ورتو. اهو شخص پوڙهو ٿي چڪو هو، پر انتهائي مڪار ۽ چالاڪ هو. هن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب و غريب شرط رکيو.“

”ڇا؟ اسلام لاءِ ڪو شرط ڪيئن ٿو رکي سگهي؟ اسيد رضا حيرت مان پڇيو.

سر بلال چيو: اها ئي تہ ان شخص جي بيوقوفي هئي. چوڻ لڳو: جيڪڏهن محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پٺيان خلافت مون کي عطا فرمائين تہ مان سندن پيروي ڪندس ۽ ايمان آڻيندس. يعني حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ مان مسلمانن جو امير (Leader) بڻجي وڃان. ان وقت پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دستِ مبارڪ ۾ ڪجيءَ جي هڪ شاخ هئي. ان جي فرمائش ٻڌي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

جيڪڏهن تون مون کان هي ڪانيءَ جو ٽڪر بہ گهرندين تہ نہ ڏيندس. (يعني خلافت تہ تمام پري جي ڳالهہ آهي).

اهو ٻڌي هو شخص خاموشيءَ سان واپس هليو ويو، پر پنهنجي علائقي ۾ پهچي هن نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪري ڇڏي. شروع ۾ تہ تمام گهٽ ماڻهو ان سان گڏ هئا، پر جيئن ئي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن فاني دنيا مان پردو فرمايو، هن جي دوکي جو دڪان چمڪي پيو. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترائي ماڻهو هن جي ڄارَ ۾ اچي ويا ۽ ان سان گڏجي ويا. رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پهرين خليفي سيدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ان ڪوڙي شخص کي سبق سيکارڻ لاءِ هڪ فوجي لشڪر روانو ڪيو، جنهن جا ڪمانڊر سيدنا عڪرمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هئا. پر دشمن جيئن تہ هڪ لک جي فوج ڪٺي آيو هو، ان ڪري هن جو پلڙو ڳرو هو. سخت مقابلو ٿيو پر جنگ جو فيصلو نہ ٿي سگهيو. پٺيان مسلمانن جي مدد لاءِ هڪ ٻيو لشڪر بہ پهتو، پر تڏهن بہ ڪو نتيجو نہ نڪتو. آخرڪار ”الله جي تلوار“، مسلمانن جا عظيم جرنيل صحابي حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي مدد لاءِ پهتا. تمام سخت جنگ لڳي، ڪٿي هڪ لک جو لشڪر ۽ ڪٿي ڪجهہ هزار مسلمان! پر مسلمانن عظيم مقصد يعني

”عقيدهءِ ختمِ نبوت“ جي حفاظت خاطر جانين جي بہ پرواھ نہ ڪندي مڙسيءَ سان دشمن جو مقابلو ڪيو. 1200 کان وڌيڪ صحابہءِ ڪرام شهيد ٿيا ۽ نيٺ نبوت جو ڪوڙو دعويدار مسيلمہ ڪذاب، هڪ صحابي حضرت سيدنا وحشي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي نيزي جو شڪار ٿي جهنم ۾ واصل ٿيو ۽ ائين نبوت جي ڪوڙي دعويدار جو قصو تمام ٿيو.

ڪامران پڇيو: ”سر! هن جنگ ۾ ڪهڙا صحابہ شهيد ٿيا هئا؟ سر بلال چيو: ”جي پٽ! اها اهڙي خطرناڪ جنگ هئي جنهن ۾ وڏي مرتبي وارن صحابہءِ ڪرام شهادت ماڻي. سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو وڏو ڀاءُ حضرت زيد بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بہ انهن ۾ شامل هو. ۽ توهان کي خبر آهي؟ هن جنگ ۾ ڪيترائي اهڙا صحابہءِ ڪرام بہ شهيد ٿيا جن خود نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيو هو.“ اها ڳالھ ڪندي سر بلال جو آواز نرم ٿي ويو، ائين پئي لڳو جڻ هو وڏي مشڪل سان پنهنجا لڙڪ روڪي رهيا هجن.

تہ ٻارؤ! اڳتي جڏهن بہ هي نعرو لڳايو تہ:

محمدِ مصطفٰے سب سے آخری نبی

احمدِ مجتبےٰ سب سے آخری نبی

تہ ياد رکجو تہ هن نظريي خاطر مسلمانن پنهنجيون جانيون تائين قربان ڪيون هيون، ان ڪري مرڻ گهڙيءَ تائين اسان بہ هن نظريي تي قائم رهنداسين.



# غوثِ اعظم جا سونهري فرمانَ

تصوف ۽ طريقت جي باب ۾ غوثِ اعظم، حضور سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مقام هڪ اهڙي آفتاب (سج) وانگر آهي، جنهن جي روشني اڄ به دلين کي منور ڪري رهي آهي. "محيُ الدين"، "محبوبِ سبحاني" ۽ "غوثِ اعظم" جهڙا لقب سندن ان روحاني عظمت جو پتو ڏين ٿا، جيڪا علمِ ظاهر ۽ علمِ باطن، ٻنهي ۾ ڪامل جامعيت رکي ٿي.

زيرِ نظر مضمون ۾ سردارِ اولياء، حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ڪجهه چونڊ فرمان پيش ڪيا پيا وڃن آهن، جيڪي دنيا جي حقيقت، رضاءِ الاهي، اصلاح باطن، سچائي، تقويٰ ۽ اخلاص جهڙن بنيادي موضوعن جو احاطو ڪن ٿا. اچو ته انهن سُنهري نصيحتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نفس جو اِحتساب ڪريون:

## (1) دنياءِ آزمائش

اي انسانو! صبر کان ڪم وٺو، دنيا جي زندگي آفتن ۽ مصيبتن سان پري پئي آهي. ڪو بچي سگهيو ته تمام گهٽ، دنيا جي ڪا به نعمت اهڙي ناهي جنهن سان گڏ مصيبت ۽ غم نه هجي، ڪا به خوشي اهڙي ناهي جنهن سان گڏ رنج نه هجي ۽ ڪا به فراخي اهڙي ناهي جنهن سان گڏ تنگي نه هجي. شريعت جي دائري ۾ رهندي دنيا مان پنهنجي مقدر جو لکيو حاصل ڪندا رهو، يقيني ڳالهه اها آهي ته دنيا جي لذتن مان جيڪو مرض لاحق ٿئي، شريعت ئي ان جو واحد علاج آهي.

(فتح الربانی،المجلس السابع،ص40)

هن فرمان ۾ حضور غوثِ اعظم دنيا جي حقيقت کي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هتي ڪا به نعمت مصيبت کان خالي ناهي. گڏوگڏ علاج به تجويز فرمائي ڇڏيو ته انسان شريعت جي دائري ۾ رهي پنهنجو مقدر طلب ڪري، ڇو ته دنيا جي محبت مان پيدا ٿيندڙ دل جي بيمارين جو اڪيلو علاج شريعتِ مطهره ئي آهي.

## (2) رضاءِ الاهي

جيڪو شخص رضاءِ الاهيءَ تي راضي نه هجي، ان کي توفيق ناهي ڏني ويندي، جيڪو قضاءِ الاهي (تقدير) تي راضي ناهي ته الله به ان مان راضي ناهي. جيڪو پاڻ نٿو ڏئي، ان کي به ناهي ڏنو ويندو، جيڪو ڪنهن سان نٿو ملي، ڪو به ان وٽ هلي نه ايندو. (فتح الربانی،المجلس السابع،ص41)

هي فرمان هڪ باهمي تعلق جي تصوير پيش ڪري ٿو، انسان جو الله ۽ ان جي مخلوق سان جهڙو رويو هوندو، ڪيس اهڙو ئي بدلو ملندو. رضا، سخاوت ۽ تعلق قائم رکڻ سان ئي الله جي رضا، توفيق ۽ ماڻهن جي محبت حاصل ٿئي ٿي.

## (3) باطن جي اصلاح

ايمان وارو پهرين پنهنجي باطن کي آباد ڪندو آهي، پوءِ ظاهر کي، جيئن ڪو شخص گهر ٺاهيندو آهي ته پهرين ان جي اندروني حصي تي وڏي رقم خرچ ڪندو آهي، جيتوڻيڪ ان جو دروازو اجا خراب ئي هوندو آهي، جڏهن گهر جي اندروني تعمير مڪمل ٿي ويندي آهي تڏهن ئي دروازو ٺاهيندو آهي. اهڙي طرح سالڪ کي گهرجي ته الله کان ابتدا ڪري ۽ ان جي رضا طلب ڪري، پوءِ ان جي حڪم سان مخلوق ڏانهن توجهه ڪري. (فتح الربانی،المجلس الثامن،ص43)

هن فرمان ۾ سالڪ کي زندگيءَ جي تعمير جي ترتيب سيکاري وئي آهي ته پهرين باطن جي آبادڪاري، پوءِ ظاهر جي زينت. يعني پهريان الله سان تعلق مضبوط ڪري ۽ ان جي رضا جو طالب ٿئي، پوءِ ان جي حڪم سان مخلوق جي خدمت ڏانهن متوجهه ٿئي.

## (4) دنيا جي بدلي آخرت

افسوس آهي توتي جو دنيا جي بدلي تون آخرت کي ڪيئن ٿو برباد ڪرين! پنهنجي نفس، خواهش، شيطان ۽ مخلوق جي اطاعت ڪري پنهنجي مالڪ جي تابعداري کي ڪيئن ٿو فاسد ڪرين؟ غير جي شڪايت ڪري پنهنجي تقويٰ کي ڇو ٿو ضايع ڪرين؟ ڇا توکي معلوم ناهي ته الله پاڪ پرهيزگارن جو حافظ ۽ ناصر آهي، ڪين برائي کان روڪيندڙ آهي، ڪين علم جي دولت ڏيندڙ آهي، ڪين پنهنجي معرفت عطا فرمائيندڙ آهي، ڪين تڪليف ڏيندڙ شين کان نجات ڏيندڙ آهي ۽ ڪين اهڙي جاءِ تان رزق پهچائيندڙ آهي، جتان ڪين گمان به نه هوندو. (فتح الربانی،المجلس التاسع،ص44)

هن فرمان ۾ انسان جي ان بنيادي غلطي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ته هو فاني دنيا عيوض آخرت کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. گڏوگڏ متقين لاءِ الله پاڪ جي خصوصي حفاظت، رزق، علم ۽ نجات جي بشارت ڏئي تقويٰ اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي.

## (5) ٻين کي نصيحت ۽ پاڻ بي عمل

افسوس آهي توتي! تون قرآن حفظ ڪرين ٿو پر ان تي عمل نٿو ڪرين، رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون ياد ڪرين ٿو پر انهن تي عمل نٿو ڪرين. هي تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ ماڻهن کي عمل ڪرڻ جو چئين ٿو پر پاڻ نٿو ڪرين! ٻين کي روڪين ٿو پر پاڻ نٿو رڪجين. (فتح الربانی، المجلس العاشر،ص45)

هي فرمان ان منافقانہ روش تي سخت ضرب آهي، جنهن ۾ انسان قرآن ۽ حديث جو علم تہ رکي ٿو، ٻين کي نيڪي جي تلقين بہ ڪري ٿو پر پاڻ ان تي عمل پيرا نٿو ٿئي. اصل ڪاميابي صرف علم حاصل ڪرڻ يا نصيحت ڪرڻ ۾ ناهي، پر ان علم تي پاڻ عمل ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪردار کي سنوارڻ ۾ آهي، جو تہ عمل کانسواءِ علم محض حجت بڻجي ويندو آهي.

### (6) متقي ۽ منافق جو عمل

متقي الله جي عبادت بغير ڪنهن تڪلف جي ڪندو آهي، جو تہ عبادت ان جي عادت بڻجي وئي آهي. هو پنهنجي ظاهر ۽ باطن، ٻنهي سان الله جي بندگي بغير ڪنهن ڏيکاءُ جي ڪري ٿو، جڏهن تہ منافق هر حال ۾ تڪلف ڪري ٿو، خاص طور تي الله جي عبادت ظاهري طور تي تڪلف سان ادا ڪري ٿو، جڏهن تہ باطني طور تي عبادت کان خالي هوندو آهي. (فتح الربانی،المجلس العاشر،ص45)

هن مبارڪ فرمان ۾ رياڪاري ۽ اخلاص جي وچ ۾ فرق کي واضح ڪيو ويو آهي تہ متقي جي عبادت ان جي فطرت بڻجي چڪي هوندي آهي، ان ڪري هو بنا تڪلف عبادت ڪري ٿو، جڏهن تہ منافق جي عبادت محض ظاهري ڏيکاءُ هوندي آهي.

### (7) سچ ڳالهايو فلاح ماڻيو

اي الله جا ٻانهو! سچ ڳالهايو ۽ ڪاميابي حاصل ڪريو سچي انسان جي همت آسمان کان بہ بلند هوندي آهي، ڪنهن جي ڳالهہ کيس نقصان نہ ڏيندي آهي. الله پنهنجي امر (حڪم) تي غالب آهي، جڏهن هو توسان ڪنهن ڪم جو ارادو ڪندو تہ ان لاءِ توکي تيار ڪري ڇڏيندو. (فتح الربانی،المجلس التاسع والخمسون،ص196)

هن فرمان ۾ سچائي کي فلاح جي ضمانت قرار ڏنو ويو آهي. سچي انسان جي همت ايتري بلند هوندي آهي جو ماڻهن جون ڳالهيون کيس لوڏي نہ سگهنديون آهن، چو تہ هو الله جي نصرت تي ڀروسو رکي ٿو.

### (8) عالم ۽ زاهد ڪير؟

جيڪڏهن تو وٽ علم جو ميوو ۽ برڪت هجي ها، تہ پنهنجي نفس جي خواهشن ۽ لذتن لاءِ بادشاهن جي دروازن تي دربدر نہ ڦرين ها. (حقيقي) عالم وٽ اهي پير ئي ناهن هوندا جن سان هو مخلوق جي دروازن ڏانهن ڊوڙي، ۽ زاهد وٽ اهي ہٿ ئي ناهن هوندا جن سان هو ماڻهن جو مال وٺي. (فتح الربانی،المجلس التاسع والخمسون،ص196)

هن فرمان ۾ حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حقيقي عالم ۽ زاهد جي سڃاڻپ بيان فرمائي آهي تہ حقيقي عالِم اهو آهي جيڪو دنيا دارن جي دروازن جو رخ نہ ڪري ۽ حقيقي زاهد اهو آهي جيڪو ماڻهن جي مال تي نظر نہ رکي.

## (9) فضوليات کان پرهيز

جنهن جو اسلام صحيح ۽ ثابت ٿي وڃي، اهو فائديمند شين ڏانهن مائل ٿي ويندو آهي ۽ بي فائده شين کان منهن موڙي ويندو آهي. بي فائده ڪمن ۾ لڳڻ بيڪار ۽ بيمارن جو ڪم آهي. اهو پنهنجي رب جي رضا کان محروم آهي جيڪو ان جي حڪم تي عمل نہ ڪري ۽ اهي ڪم ڪري جنهن کان کيس روڪيو ويو آهي. اها ئي اصل محرومي، اصل موت ۽ هر طرح جو نقصان آهي. دنيا ۾ تنهنجي مشغول ٿيڻ لاءِ نيڪ نيتي ضروري آهي، ٻي صورت ۾ تون الله جي غضب جو شڪار ٿي ويندين.

هن مبارڪ فرمان ۾ ايمان جي صحت کي بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو لاحاصل ۽ فضول ڪمن کي ڇڏي الله پاڪ جي اطاعت اختيار ڪري. ان کان علاوه انسان جا دنياوي ڪم بہ جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ کان خالي هجن تہ اهي الله جي ناراضگي جو سبب بڻجي ويندا آهن.

الله پاڪ اسان کي پيرانِ پير، حضور سيدنا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهن نصيحتن تي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب



### (1) سڀ کان پهريان ۽ سڀ کان آخري نبي ڪير آهن؟

**سوال:** سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان آخري نبيءَ جو نالو ٻڌايو، گڏوگڏ پيغمبر جي معنيٰ ڇا آهي؟

**جواب:** سڀ کان پهريان نبي اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن ۽ سڀ کان آخري نبي بہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن. البت دنيا ۾ سڀ کان پهريان تشريف آڻيندڙ نبي حضرت آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام آهن ۽ سڀ کان آخر ۾ تشريف آڻيندڙ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. پيغمبر جي معنيٰ آهي: پيغام پهچائيندڙ. (مدنی مذاکرہ، 10 ذوالقعدۃ الحرام 1440ھ)

### (2) حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِمَا السَّلَام نڪاح نہ فرمايو

**سوال:** حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِمَا السَّلَام شادي ڪئي هئي يا نہ؟

**جواب:** هي ٻئي حضرات ڪنوارا هئا، انهن نڪاح نہ فرمايو هو. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام (هن وقت زنده) آسمان تي موجود آهن، جڏهن پاڻ دنيا ۾ تشريف آڻيندا تہ نڪاح ڪندا. (ديکھیے: بہار شریعت، 1/122، 123-مدنی مذاکرہ، یکم ربیع الاول شریف1442ھ)

### (3) عجوه کجيءَ جو وڻ ڄمي پيو

**سوال:** هڪ اسلامي ڀاءُ جي والده 30 سال اڳ مديني پاڪ مان آندل کجيءَ جي ڪکڙي هڪ گملي ۾ لڳائي هئي، جيڪا اڄ هڪ وڏو وڻ بڻجي چڪي آهي. ڇا ان وڻ کي مديني مان آندل کجيءَ جي ڪري مديني سان نسبت آهي؟ جيئن تہ مسلمان مديني جي کجين جو ادب ۽ احترام ڪندا آهن، تہ ڇا هن وڻ جي کجين جو بہ اهڙي طرح ادب ڪرڻ لازم هوندو؟

**جواب:**

عشق دے جھلے ای نمبر لے گئے
عقل منداں ایویں عمراں گالیاں

دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ مان ڪا شيءِ اچي اها الڳ ڳالهہ آهي، پر جيڪا شيءِ مديني جي گلين مان گهمي اچي اسان ان جو ادب ۽ احترام ڪندا آهيون مديني مان آيل عجوه کجيءَ جي ڪکڙيءَ مان ڄاول وڻ جو احترام ڪيو ويندو، ڇو تہ ان کي مديني جي گلين سان نسبت حاصل آهي. البت، مديني شريف جي عجوه کجيءَ بابت جيڪي فضيلتون حديثن ۾ آيون آهن، اهي (ٻئي هنڌ ڄاول کجيءَ مان)

حاصل نہ ٿينديون. (مدنی مذاکرہ، 15 جُمادَی الاخریٰ 1444ھ بتغیر)

### (4) قرآنِ ڪريم جي غلاف جو پاڻي ڪٿي وجهجي؟

**سوال:** قرآنِ ڪريم جنهن غلاف ۾ رکيو ويندو آهي، جيڪڏهن ان غلاف کي ڌوئجي تہ ان جو پاڻي ڪيڏانهن وجهجي؟

**جواب:** ان جو پاڻي ڪنهن ادب واري جاءِ تي وڌو وڃي، جهڙوڪ سمنڊ، درياءُ، واهہ يا اهڙي ميدان ۾ جتي ڪنهن جو پير نہ اچي. گملي ۾ نہ وڌو وڃي، ڇو تہ اسان وٽ ٻوٽن جي گملن جي مٽيءَ ۾ ڍڳيءَ جا ڇيڻا يا ٻڪرين جون ڦولهڙيون بہ وڌيون وينديون آهن جيڪي ناپاڪ هونديون آهن. ها! جتي پاڻي سڪي وڃي، جهڙوڪ ڪا ديوار يا گهر جي ڇت وغيره، اتي اهو پاڻي وجهي سگهجي ٿو. (مدنی مذاکرہ، 2 صفرالمظفر شریف 1442ھ)

### (5) هر نماز سان گڏ قضا نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا هر نماز سان گڏ قضا نماز پڙهي سگهجي ٿي؟

**جواب:** ڪجهہ "قضا عمري" ادا ڪندڙ ائين ڪندا آهن، مثال طور فجر جي قضا فجر جي وقت، ظهر جي قضا ظهر جي وقت پڙهندا آهن. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان بہ قضا ادا ٿي ويندي، پر ياد رهي تہ جنهن تي قضا نمازون لازم هجن، ان تي اهي جلد کان جلد ادا ڪرڻ واجب آهن. يعني زندگيءَ جي ضروري ڪمن کائڻ، پيئڻ، ڪمائڻ ۽ سمهڻ وغيره کان سواءِ جيڪو بہ وقت ملي، ان ۾ پنهنجون قضا نمازون پڙهڻ گهرجن. (مدنی مذاکرہ، 2 محرم الحرام 1442ھ)

### (6) ٻارن لاءِ صبر جا موقعا

**سوال:** ٻار ڪهڙين ڳالهين تي صبر ڪري ثواب حاصل ڪري سگهن ٿا؟

**جواب:** جن ڳالهين مان توهان کي تڪليف پهچي يا پريشان ٿيو، انهن تي صبر ڪريو. مثال طور: توهان کي برياني ڪاڻي هئي، پر امڙ ڪچڙي کائڻ لاءِ ڏني تہ توهان کي تڪليف ٿيندي، پر توهان صبر ڪري کائي وٺو ۽ ثواب ڪمايو. اهڙي طرح توهان کي ڪو رانديڪو کپندو هو، پر امڙ چيو: "مون وٽ پئسا ناهن، مان ايترو مهانگو رانديڪو نٿي وٺي ڏئي سگهان"، اها ڳالهہ ٻڌي توهان کي ڏک ٿيندو، پر توهان صبر ڪريو ۽ ننڍڙي رانديڪي تي گذارو ڪريو. ائين ئي توهان امڙ کي چيو تہ مون کي فلاڻا ڪپڙا پائڻا آهن، پر هوءَ توهان کي سادا يا سستا ڪپڙا ڏئي تہ توهان ضد ڪرڻ کان سواءِ صبر ڪري اهي پائي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! ثواب ملندو. (مدنی مذاکرہ، بعد نماز تراویح، 24 رمضان المبارک 1441ھ)

### (7) نڪاح ۾ عورتن جو گواهہ بڻجڻ

**سوال:** ڇا نڪاح ۾ عورتون گواهہ بڻجي سگهن ٿيون؟

**جواب:** نڪاح ۾ ٻه عاقل ۽ بالغ مسلمان مرد، يا هڪ مسلمان عاقل ۽ بالغ مرد ۽ ٻه مسلمان عاقل ۽ بالغ عورتون گواهہ هجن. نڪاح ۾ صرف عورتون گواهہ نٿيون ٿي سگهن. (ديکهيے:بہار شريعت، 11/2، 12-مدنی مذاکره، 5ربيع الاول شريف 1442ھ)

### (8) ڦڦڙ کائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** حلال جاندارن جا ڦڦڙ کائڻ حلال آهن يا نہ؟

**جواب:** ڦڦڙ کائڻ حلال آهن. (مدنی مذاکره، 10ذوالحجة الحرام 1441ھ)

### (9) ڪنواري ڇوڪريءَ جي نمازِ جنازه پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪنواري مسلمان ڇوڪريءَ جي نمازِ جنازه پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جائز، بلڪ اها بہ ائين ئي فرضِ ڪفايہ آهي، جيئن ٻين فوت ٿيندڙ مسلمانن جي هوندي آهي. يعني جن ماڻهن کي جنازي جي خبر پئي، انهن مان ڪجهہ ماڻهن پڙهي ورتي تہ ٻين تان فرض لهي ويو. پر جيڪڏهن خبر پئجي وڃڻ کان پوءِ بہ ڪنهن نہ پڙهي، تہ جنهن جنهن کي خبر هئي، اهي سڀ جا سڀ گناهگار ٿيندا. (ديکهيے: بہار شريعت، 825/1-مدنی مذاکره، يکم ربيع الآخر 1442ھ)

(شعبو بياناتِ خليفءِ اميرِ اهلِ سنت)





# حسين لمحن جون ڪجهہ يادون

ابوالاڪرام سيد بهرام حسين شاھ عطاري مدني

حديث شريف ۾ آهي: عالم جي وفات اهڙي مصيبت آهي جنهن جي تلافي نٿي ٿي سگهي، هي هڪ اهڙو خال آهي جنهن کي پري نٿو سگهجي، ڇڻ تہ هو هڪ تارو هو جيڪو اجهامي ويو، ۽ هڪ (سڄي) قبيلي جي موت هڪ عالِم جي موت جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. (شعب الايمان،264/2،حديث:1699)

استادِ محترم حضرت مولانا حاجي ابو رجب محمد آصف جاويد عطاري مدني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وفات جي ڏکوئيندڙ واقعي ڪيترن ئي دلين کي غمگين ڪري ڇڏيو، ايتري قدر جو پيرِ مرشد، شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پڻ سندن وفات جي خبر ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿي ويا. پاڻ هڪ عظيم عالِمِ دين، اعليٰ پائي جا محقق، ماهر استاد، نامور مصنف ۽ دعوتِ اسلامي جا بهترين مبلغ هئا. سندن شاگردن جو دائرو تمام وسيع آهي، هن وقت سندن پڙهايل ڏيڍ هزار کان وڌيڪ شاگرد درس وتدريس، تصنيف وتاليف ۽ امامت وخطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. اَلْحَمْدُ لله! مون کي بہ سندن شاگردن جي صف ۾ شامل ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي. درسِ نظامي جا ابتدائي ڪتاب صرف و نحو، اربعينِ نووي ۽ اربعينِ حنفيه پاڻ وٽ پڙهڻ جي سعادت ملي اٿم. مون استادِ محترم کي شاگردن، خاص ڪري ساداتِ ڪرام تي تمام گهڻو شفيق ۽ مهربان ڏٺو. شاگردي واري دور ۾ هڪ ڀيرا مونکي فرمايائون تہ: نئين سال جا نصابي ڪتاب توهان نہ خريدجو، مان توهان کي ڏيندس، پوءِ پاڻ مونکي اهي ڪتاب عطا ڪيائون. 2001ع کان وٺي 2026ع تائين جو هڪ طويل عرصو استادِ محترم جي صحبت ۾ گذارڻ جو موقعو مليو. ان عرصي دوران جتي پاڻ وٽ پڙهڻ جو شرف مليو، اتي دعوتِ اسلامي جي شعبي 'المدينۃُ العلميه' (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ۾ سندن ماتحت رهي تصنيف وتاليف جو ڪم ڪرڻ جو موقعو بہ مليو.

وقت گذري ويندو آهي پر يادون رهجي وينديون آهن. هونئن تہ استادِ محترم جا ڪيترائي احسان آهن، پر انهن مان هڪ احسان اهڙو آهي جنهن کي مان شايد سڄي زندگي وساري نہ سگهان. اهو هي تہ جڏهن

منهنجي والد صاحب جي وفات ٿي، ان وقت مان المدينۃُ العلميه ۾ پنهنجي خدمتن ۾ مصروف هئس. حسبِ معمول ڊيوٽي تي ڪم ڪري رهيو هئس تہ ظهر جي نماز کان پوءِ اوچتو والد صاحب جي وفات جي خبر ملي. اها خبر ٻڌي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. ان وقت نہ ڪنهن جو آسرو هو ۽ نہ وري کيسي ۾ ڪجهہ هو. مان فوراً استادِ محترم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ کين والد صاحب جي لاڏاڻي جي خبر ڏني. پاڻ مونکي دلجاءِ ڏني، پاڻي پياريو ۽ پنهنجي آفيس ۾ ويهاريو. ان وقت سندن وٽ اميرِ اهلِ سنت جا خادمِ خاص حاجي علي رضا عطاري بہ ويٺل هئا. پاڻ مونکي فرمايائون تہ: توهان کي اڪيلو ڳوٺ وڃڻو آهي يا ٻارن کي بہ گڏ وٺي ويندؤ؟ مون عرض ڪيو تہ ٻارن سميت وڃڻو آهي. منهنجي اتي ويني ويني پاڻ بائي ايئر هوائي جهاز ذريعي منهنجي ۽ منهنجي فيملي جون ٽڪيٽون ڪرايون ۽ مون کي تسلي ڏئي دعائن سان روانو ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰہ!، مان وقت تي پهچي پنهنجي والد صاحب جي نمازِ جنازه پڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. جيڪڏهن مان نہ پهچي سگهان ها تہ اهو صدمو مونکي سڄي عمر رهي ها. هي سڀ منهنجي مشفق ۽ مهربان استادِ محترم جي شفقت هئي.

استادِ محترم وقت بوقت تمام گهڻي شفقت فرمائيندا هئا ۽ دعائن سان نوازيندا هئا. اجا ڪجهہ مهينا اڳ جڏهن پاڻ سخت بيمار هئا، تہ هڪ ڏينهن سندن وڏو پٽ رجب رضا عطاري منهنجي آفيس آيو ۽ مونکي ٻاهر گهرائي هڪ لفافو ڏنائين. مون پڇيو: هي ڇا آهي؟ چيائين: ”مونکي خبر ناهي، بس ابو توهان لاءِ هي لفافو ڏنو آهي، پوءِ جڏهن مون فون تي استادِ محترم سان رابطو ڪري خيريت پڇڻ کان پوءِ ان لفافي بابت پڇيو، تہ پاڻ فرمائڻ لڳا: شاهہ جي! اهو منهنجي طرفان توهان لاءِ تحفو آهي. “اڄ بہ سندن اهو پيار پريو ۽ شفقت سان پرپور آواز ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي.

اجا هن ئي رمضان المبارڪ 1447 هجريءَ جي ڳالهہ آهي تہ سندن طبيعت اوچتو ايتري خراب ٿي جو پاڻ آئي سي يو (ICU) ۾ هليا ويا. الله پاڪ ڪرم ڪيو، جڏهن طبيعت بهتر ٿي ۽ گهر تشريف کڻي آيا تہ مان مزاج پرسيءَ لاءِ سندن گهر حاضر ٿيس. ان وقت بہ طبيعت ناساز هئي ۽ پاڻ ليٽيل هئا، مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مون جلدي اڳتي وڌي هٿن کي چُميو ۽ کين اٿڻ کان روڪيو.

سندن گهر ۾ اها منهنجي پهرين حاضري هئي، ڪافي دير تائين مون سان ڪچهري ڪندا رهيا. منهنجي شاگردي واري دور

جون ڳالهيون پنهنجي نندي پٽ حافظ ڪرم رضا عطاري جيڪي انهن وٽ موجود هئا انهن کي ٻڌائيندي فرمايائون: ”شاهه جي ڏاڍا محنتي هئا، حضرت صاحب (اميرِ اهلِ سنت) جا وڏو ديوانا هئا.“ بهرحال، استادِ محترم تمام گهڻو خوش هئا. ان ئي خوشيءَ جي عالم ۾ حافظ ڪرم رضا کي چيائون: ”پٽ! سامهون الماڙيءَ مان منهنجو بيگ کڻي اچو.“ هو کڻي آيا، ته کيس فرمايائون: ”ان مان هزار هزار جا ٻه نوٽ ڪڍي شاهه جي کي پيش ڪريو.“ هو نوٽ ڪڍي مون کي ڏيڻ لڳا، مون وٺڻ کان انڪار ڪيو، ته پاڻ بار بار فرمائڻ لڳا: ”شاهه جي! وٺي وٺو، نه ته مان وجهڻ نه ڏيندس.“ مان مسلسل ان ڪري انڪار ڪري رهيو هئس جو هي وقت استاد جي خدمت ڪرڻ جو هو، نه ڪي ڪانئن خدمت وٺڻ جو. جڏهن ڏٺائون ته مان نٿو وٺان، ته پاڻ اهي پئسا ڏيڻ لاءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مون کين اٿڻ کان روڪيو ته فرمايائون: ”ڀلا پوءِ هي پئسا وٺو.“ مان هڪ هزار جو نوٽ رکي ٻيو واپس ڪرڻ لڳس ته فرمايائون: ”ٻئي نوٽ وٺڻا پوندا. چلو، جيڪڏهن توهان نٿا وٺو ته عيد اچي رهي آهي، منهنجي طرفان پنهنجي ٻنهي شهزادن کي هڪ هڪ هزار عيد جي خرچي ڏئي ڇڏجو.“ آخرڪار نه چاهيندي ٻه مونکي اهي ٻئي نوٽ وٺڻا پيا.

جڏهن واپسيءَ جي اجازت گهريم ته پاڻ هٿ ملائيندي فرمايائون: ”شاهه جي معاف ڪجو، مان اٿي نٿو سگهان، نه ته اٿي توهان کي رخصت ڪريان ها.“ پوءِ پنهنجي پٽ حافظ ڪرم رضا کي چيائون: ”وڃ پٽ! شاهه جي کي هيٺ تائين ڇڏي اچو.“ مون ٻاهر نڪري کيس چيو ته: ”پٽ، توهان واپس وڃو، مان هليو ويندس“، پر هو ٻه استادِ محترم جا تربيت يافته هئا، چوڻ لڳا: ”نه! بابا سائين فرمايو آهي ته هيٺ تائين ڇڏي اچڻو آهي، مان هيٺ تائين توهان سان گڏ ضرور هلندس.“

الله پاڪ استادِ محترم جي بي حساب مغفرت فرمائي، سندن درجات بلند ڪري، ديني خدمتن کي قبول فرمائي نجات جو ذريعو بڻائي ۽ سندن سيني پونئيرن ۽ متعلقين کي صبرِ جميل ۽ اجرِ جزيل عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# اسلامي معاشري ۾ عزتِ نفس جو تحفظ

دعوتِ اسلامي جي مرڪزِ مجلسِ شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

جيڪو بہ خوش نصيب انسان الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جي دامن سان وابستہ ٿيو آهي، الله پاڪ ان کي نہ صرف عزت ۽ تڪريم وارو بڻائي ڇڏيو آهي، بلڪه اسلام ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي اها ڳالهہ بہ حرام ڪري ڇڏي آهي تہ هو ان "عزت واري" جي عزت کي ڪنهن بہ انداز ۾ خراب ڪري. مسلمان جي عزت ۽ حرمت الله ۽ رسول جي بارگاهہ ۾ ڪيتري قدر عظمت واري آهي، ان ڳالهہ جو اندازو هن روايت مان لڳايو: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ ان سان خيانت ڪري، نہ ان سان ڪوڙ ڳالهائي ۽ نہ کيس رسوا ڪري. هر مسلمان جي عزت، مال ۽ جان ٻئي مسلمان تي حرام آهي. (۽ هٿ مبارڪ سان پنهنجي دل جي طرف اشارو ڪندي فرمايائون:) تقويٰ هتي آهي. پوءِ فرمايائون: ڪنهن بہ انسان جي بري هجڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسي. (ترمذی، 3/372، حديث : 1934 )

## اسلام عزت جي حفاظت هن ريت ڪندو آهي

جو ته هڪ مسلمان جو ٻئي مسلمان سان اسلام جو رشتو آهي، ان ڪري مٿس لازم آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو احترام ڪري، ان جي عزت جي حفاظت ڪري ۽ هميشہ ان جي بي حرمتيءَ کان بچندو رهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو مسلمان جي بي عزتي ڪري يا کيس تڪليف پهچائي تہ مسلمان تي لازم آهي تہ هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪري ۽ ان جي عزت پائمال ٿيڻ نہ ڏي. ان ڪري جو رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزت جي حفاظت ڪئي، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کان جهنم جو عذاب پري فرمائي ڇڏيندو. ان کان پوءِ پاڻ سڳورن هيءَ آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:

وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ مسلمانن جي مدد ڪرڻ اسان جي ذمي ڪرم تي آهي.
(سيپارو: 21، الروم: 47)

مسلمان جي عزت جي حفاظت ڪندڙ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اهڙو پسنديده بڻجي ويندو آهي جو الله پاڪ جهنم کان ان جي حفاظت لاءِ هڪ فرشتو مقرر فرمائي

ڇڏيندو آهي. جيئن تہ حضرت مُعاذ بن انس رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڪنهن مسلمان (جي عزت) کي ان منافق کان بچايو جيڪو پٺي پويان ان جي برائي ڪري رهيو هو، تہ الله ڪريم (قيامت جي ڏينهن) ان جي طرف هڪ فرشتو موڪليندو جيڪو کيس جهنم کان بچائيندو، ۽ جنهن ڪنهن مسلمان کي ذليل ڪرڻ جو سامان ڪيو، الله پاڪ ان جي سزا پوري ٿيڻ تائين ان کي جهنم جي پل تي روڪي رکندو.“ انهن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام صرف عزت ڏيڻ جي تعليم نٿو ڏي، بلڪه عزت جي حفاظت کي بہ نيڪي قرار ڏئي ٿو. پراڻي زماني ۾ جڏهن گهوڙن، اُٺن ۽ خچرن تي سفر ٿيندو هو، ان وقت عزت افزائيءَ جو هڪ طريقو هي بہ هو تہ هڪ ماڻهو سواريءَ جي لغام پڪڙي بيهي رهندو هو تہ جيئن سوار ٿيڻ وارو آسانيءَ سان سوار ٿي وڃي. اهڙي طرح جڏهن ڪو گهوڙي وغيره تي سوار ٿي ايندو هو تہ اڳتي وڌي سواريءَ جي لغام پڪڙي وٺندا هئا تہ جيئن سوار آسانيءَ سان لهي وڃي. اسلام ۾ هي معمولي عمل بہ ڪيتري قدر مقبول آهي جو الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ٻانهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ (جي عزت ڪندي ان) جي گهوڙي جي رڪاب پڪڙي، ان جو هي عمل ڪنهن لالچ جي ڪري نہ هجي، ڪنهن قسم جي خوف جي ڪري نہ هجي (بلڪه خالص الله پاڪ جي رضا لاءِ هجي)، تہ الله پاڪ ان رڪاب پڪڙڻ واري جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. (الترغيب والترہيب، 408/3،حديث:4371)

اهي روايتون تہ مسلمان جي عزت ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ متعلق هيون، هاڻي اسلام جو ڪمال ڏسو تہ اسلام تہ اهو عزت وڌائيندڙ وڻ آهي جو جيڪڏهن ڪو غير مسلم بہ ”شرعي طريقيڪار“ مطابق ان جي ڇانوَ ۾ پناهہ وٺي تہ هو بہ محروم ناهي رهندو جيئن تہ ”ذِمّي ڪافر“ کي تڪليف ڏيڻ ۽ سندن غيبت ڪرڻ هرگز جائز ناهي، ڇو تہ اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن يهودي يا نصراني کي تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ چئي، ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي. (ابوداؤد، 354/4،حديث:4883) ذِمّي ڪافر ان مخصوص ڪافر کي چوندا آهن جيڪو اسلامي حڪومت کي پنهنجي تحفظ لاءِ جِزيو (Tax) ادا ڪري. تفسيرِ نعيمي ۾ آهي: جزيو يعني اهو شرعي مَحصول (Tax) جيڪو حڪومت اهلِ ڪتاب (يهودين ۽ نصرانين) کان انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت جي عيوض وصول ڪري. (معجم اوسط، 287/1، حديث:1012)

ياد رهي! جڏهن انسان جي عزت محفوظ هوندي آهي ته خاندان مضبوط ٿيندا آهن، معاشرو پُر امن بڻجندو آهي ۽ ماڻهن ۾ اخوت ۽ ڀائيچارو پروان چڙهندو آهي. ان ڪري اسلام عزتِ نفس جي حفاظت کي صرف اخلاقي نصيحت نه بلڪ شرعي ذميواري قرار ڏنو آهي. جيڪڏهن مسلمان هن تعليم کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي وٺن ته دلين مان نفرت، زبانن مان تذليل جا جملا ۽ معاشري مان جدايون ۽ انتشار ختم ٿي ويندو.

## عزتِ نفس جي تحفظ تي اسلام جو جامع نظام

اسلام پنهنجي مجيندڙن کي عزتِ نفس جي حفاظت جي صرف ترغيب ئي نٿو ڏي، بلڪه ان جو عملي نمونو به اسلامي معاشري جي مٿي جو جهومر آهي. اسلام هر ان ڪم، عمل، ڳالهه، اشاري ڪنايي ۽ گفتگو کان منع ڪري ٿو جيڪا ڪنهن به مسلمان جي عزتِ نفس کي نقصان پهچائيندڙ هجي. اسلام پنهنجي مجيندڙن کي صرف زباني اصول نه ڏنا آهن، بلڪه اهڙا حڪم به عطا فرمايا آهن جيڪي روزانو زندگيءَ ۾ انسان جي عزت جو تحفظ ڪن ٿا. اسلام عبادتن کان وٺي معاملن، معاشرت، معيشت، عدالت ۽ سياست، مطلب ته هر شعبي ۾ اهڙا حڪم ڏنا آهن جيڪي انسان جي عزتِ نفس کي محفوظ بڻائين ٿا. عام طور تي ڏٺو ويندو آهي ته هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جي عزتِ نفس تي زبان سان حملو ڪندو آهي، ان ڪري اسلام زبان جي حفاظت جو حڪم ڏئي ٻين جي عزت کي تحفظ فراهم ڪيو. هيءُ به حقيقت آهي ته تلوار جو زخم ڀرجي ويندو آهي پر زبان جو زخم اڪثر سڄي زندگي باقي رهندو آهي. عزتِ نفس جي حفاظت لاءِ اسلام زبان لاءِ ڪجهه اهڙا اصول ۽ ضابطا ٺاهيا آهن جيڪي ڪنهن ٻئي نظام ۾ اهڙي جامعيت سان نظر نٿا اچن.

## مذاق اڏائڻ جي ممانعت

اسلامي معاشري ۾ ڪنهن لاءِ به جائز ناهي ته هو ڪو اهڙو ڪم ڪري جيڪو خود ان جي پنهنجي يا ڪنهن ٻئي جي عزت ۽ حرمت کي خراب ڪرڻ وارو هجي. انساني معاشري ۾ عزتِ نفس تي حملي جون جيتريون به صورتون موجود هيون يا جيڪي بڻجي سگهيون ٿي، اسلام انهن سڀني کان منع فرمائي ڇڏيو آهي. جيئن ته قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَ لَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَ مَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۱﴾

ترجموڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! مرد ٻين مَردن تي نہ کِلن ٿي سگهي ٿو ته اهي انهن کلڻ وارن کان بهتر هجن ۽ نه عورتون ٻين عورتن تي کِلن، ٿي سگهي ٿو ته اهي انهن کِلڻ وارين کان بهتر هجن ۽ پاڻ ۾ ڪنهن کي طعنو نه ڏيو ۽ هڪ ٻئي جا بُرا نالا نه رکو، مسلمان ٿيڻ کان پوءِ فاسق چورائڻ ڪيڏو نه بُرو نالو آهي ۽ جيڪي توبهہ نہ ڪن ته اهي ئي ظالم آهن. (سيپارو: 27، الحجرات، 11)

هن آيت ۾ ڪيڏي تفصيل سان عزت خراب ڪرڻ جي تمام طريقن کان روڪيو ويو آهي، چاهي اهو مذاق اڏائڻ جي صورت هجي، طعنہ زني ڪرڻ هجي يا ڪنهن جو نالو بگاڙڻ هجي. غور ڪرڻ سان بلڪل ظاهر ٿي وڃي ٿو تہ الله پاڪ انهن کان ان ڪري منع فرمايو آهي جو اهي سڀ ڪم انساني عزت ۽ وقار جي خلاف ۽ فتني فساد جو ذريعو آهن. مسلمان جي عزت جو معاملو ايترو حساس آهي جو اشاري ڪنايي يا ڪنهن ڳالهہ ذريعي ٻئي کي عيب لڳائڻ کان بہ روڪيو ويو آهي، ڇو تہ مومن هڪ جان وانگر آهن جڏهن ڪنهن ٻئي مومن تي عيب لڳايو ويندو تہ ڄڻ عيب لڳائڻ وارو پنهنجو پاڻ تي ئي عيب لڳائي رهيو آهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، 193/7،حديث:4860) حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه لکن ٿا: اِهانت ۽ تحقير لاءِ زبان يا اشارن، يا ڪنهن ٻئي طريقي سان مسلمان جو مذاق اڏائڻ حرام ۽ گناهہ آهي، ڇو تہ ان سان هڪ مسلمان جي تحقير ۽ ڪيس تڪليف پهچي ٿي، ۽ ڪنهن مسلمان جي تحقير ڪرڻ ۽ ڏک ڏيڻ سخت حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. (تفسيرِ نعيمی،254/10 ملخصاً) حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ خوف خُدا جي ڪري فرمائن ٿا: لَوْ سَخِرْتُ مِنْ كَلْبٍ، لَخَشِيتُ اَنْ اَكُوْنَ كَلْبًا يعني جيڪڏهن مان ڪنهن ڪتي جو مذاق اڏايان تہ مون کي ڊپ آهي تہ ڪٿي مان پاڻ بہ ڪتو نہ بڻايو وڃان. (روح المعانی، الحجرات، تحت الآية:11، 424/13)

## عيب ڳولڻ منع آهي

ڪنهن جي پويان لڳڻ، ان جا لڪيل عيب ڳولڻ، پوءِ انهن کي ماڻهن ۾ عام ڪرڻ بہ اسلام ۾ منع آهي، ڇو تہ هي بہ ڪنهن کي رسوا ڪرڻ جي زمري ۾ اچي ٿو. رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انهن ماڻهن جا گروهہ! جيڪي زبان سان ايمان آڻي چڪا آهن پر ايمان سندن دلين ۾ داخل ناهي ٿيو، مسلمانن جي غيبت نہ ڪريو ۽ سندن لڪيل ڳالهين جي ڳولا نہ ڪريو، ڇو تہ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لڪيل شيءِ جي ڳولا ڪندو، الله پاڪ ان جي لڪيل شيءِ جي ڳولا ڪندو (يعني ان کي ظاهر ڪري ڇڏيندو) ۽ جنهن جا عيب الله ظاهر ڪندو ان کي رسوا ڪري ڇڏيندو، چاهي هو پنهنجي گهر جي اندر ئي ڇو نہ هجي. (جہنم کے خطرات، ص173)

## غيبت ۽ چغلي بہ منع آهي

اسلام طعنن ۽ مهڻن، عيب ڳولڻ، بهتان ۽ غيبت توڙي چغلي جهڙن تمام رويَن کي سختيءَ سان ممنوع قرار ڏنو آهي. غيبت ۽ چغلي جهڙا گناهہ نہ صرف معاشرتي امن کي تباهہ ڪن ٿا، پر هڪ مسلمان جي عزتِ نفس کي بہ سخت زخمي ڪن ٿا. قرآنِ ڪريم غيبت ڪرڻ کي پنهنجي مري ويل ڀاءُ جو گوشت کائڻ جي برابر قرار ڏنو آهي. (مصنف ابن ابی شیبہ، 231/5، حدیث:25546) جڏهن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَتَّاتٌ يعني چغل خور جنت ۾ هرگز داخل نہ ٿيندو. (ابو داوٗد، 354/4، حدیث:4880) اهڙين سخت وعيدن مان ظاهر آهي تہ اسلام انسان جي عزت، شهرت ۽ سماجي وقار کي نقصان پهچائيندڙ هر عمل کان منع ڪري ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ جتي غيبت ۽ چغليءَ جو رواج هجي اتي اعتماد ختم، رشتا ڪمزور ۽ دليون نفرتن سان پرجي وينديون آهن. جڏهن ته انهن کان اجتناب ڪرڻ وارو معاشرو احترام، اخوت ۽ باهمي اعتماد جو گهوارو بڻجي ويندو آهي. انهن تمام تعليمات مان واضح آهي ته اسلام جو عزتِ نفس جو تصور هڪ مڪمل ضابطهءِ حيات آهي. اسلام انسان جي عزت کي شرعي حق قرار ڏنو آهي. انهيءَ ڪري زبان، نگاهہ، معاش، خاندان، عدالت ۽ رياست هر شعبي ۾ اهڙا اصول بڻايا جن جو مقصد انسان کي باوقار زندگي عطا ڪرڻ آهي. سوشل ميڊيا جي هن دور ۾ ڪجهہ ئي لمحن ۾ ڪنهن جي بہ ڪردار ڪشي، مذاق، ميمز (Memes)، ڪوڙا الزام ۽ بي بنياد خبرون اڏائي عزتِ نفس مجروح ڪئي ويندي آهي. اسلام جون تعليمات اسان کي ياد ڏيارين ٿيون تہ موبائيل جي اسڪرين جي پويان ويهي بہ ڪنهن مسلمان جي عزت تي حملو ڪرڻ اوترو ئي سنگين ڏوهہ آهي جيترو ان جي سامهون ويهي بي آبرو ڪرڻ. جيڪڏهن اڄ اسلام جي انهن تعليمات کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ نافذ ڪيو وڃي تہ نفرتن جي جاءِ تي محبت، تحقير جي جاءِ تي احترام ۽ انتشار جي جاءِ تي اخوت جو دور اچي سگهي ٿو.

# ڪردار جي عظمت

رڪنِ شوريٰ حاجي امين عطاري

عرب جا ڪجھ ڌاڙيل قافلن ۽ مسافرن کي ڦرڻ ۾ ڏاڍا مشهور هئا. اهي ماڻهو ڪنهن جهنگ يا باغ جي اُتَ ۾ لڪي ويهندا هئا ۽ لنگهندڙن کي ڦريندا ۽ قتل و غارت ڪندا هئا.

هڪ ڀيري عورتن، مردن، ٻزرگن ۽ ٻارن تي مشتمل هڪ قافلو عرب جي ڪنهن علائقي مان گذري رهيو هو، جتي ڌاڙيل اڳي ئي سندن لاءِ تاڙ ۾ ويٺا هئا. جيئن ئي اهو قافلو ويجهو پهتو تہ ڌاڙيلن مٿن حملو ڪري ڏنو ۽ گهڻو قيمتي ساز و سامان ڦرڻ کان پوءِ ويندي ويندي قافلي وارن پاران مزاحمت ڪرڻ سبب سندن ٻن هٿين خالي ماڻهن کي بہ قتل ڪري ڇڏيائون، جنهن کان پوءِ تلوارون لهرائيندي فتح جو جشن ملهائيندي فرار ٿي ويا. غريب قافلي جا ماڻهو پنهنجي پيارن جي موت جو ڏک ڪندي، روئيندي پٽيندي پنهنجي قافلي جي سالار سان گڏ اڳتي وڌندا ويا، پر ڪنهن بہ سندن دانهن نہ ٻڌي ۽ نہ ئي ڪنهن سندن حق ۾ آواز اٿاريو. ڪجھ ڏينهن جي مسافت طئي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اهو قافلو رات گذارڻ لاءِ هڪ ريگستان ۾ ترسيو، تہ قافلي جون عورتون ڪاڌو پچائڻ جو سامان ڪرڻ لڳيون ۽ مرد ٻاهہ ٻارڻ لاءِ آسپاس مان ڪاٺين جو بندوبست ڪرڻ لڳا. رات جو وقت هو ۽ ٻاهہ جي روشني پري کان ڏاڍي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي پئي. ڪجھ رستو ڀليل بکيل گهوڙي سوارن ٻاهہ ٻرندي ڏٺي تہ ان طرف اچي نڪتا. هي گهوڙي سوار اهي ئي ڌاڙيل هئا جن هن قافلي کي اڳ ۾ ڦريو هو ۽ پوءِ سندن ٻن ماڻهن کي قتل ڪيو هو. اهي نقاب پوش ڌاڙيل قافلي جي سالار وٽ ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان رستو ڀلجي ويا آهيون ۽ ڏاڍا بکيا بہ آهيون، جيڪڏهن ڪجھ کائڻ لاءِ ملي وڃي ۽ ڪجھ دير آرام ڪرڻ لاءِ مناسب جاءِ ملي تہ وڏي مهرباني ٿيندي. قافلي جي اڳواڻ فوراً پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ جلدي جلدي مهمانن جي خاطر تواضع ۽ مهماني ڪئي وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت نہ ٿئي، ڇو تہ مهمان الله جي رحمت سان ايندا آهن.

جڏهن اهي ڌاڙيل چڱيءَ طرح ڪاڌو کائي چڪا ۽ پنهنجي ٿڪاوٽ بہ لاهي چڪا تہ ويندي ويندي هڪ ڌاڙيل قافلي جي سالار کي چيو: يقيناً جيڪڏهن اسان جي چهرن تي نقاب نہ هجن ها ۽ توهان اسان کي سڃاڻي



ونو ها تہ ڪڏهن بہ اسان جي ايتري مهمان نوازي نہ ڪريو ها، چو تہ توهان نتا ڄاڻو تہ اسان ڪير آهيون؟ قافلي جي سالار مرڪندي چيو: پٽ! بيشڪ توهان پنهنجن چهرن کي نقابن سان ڍڪي رکيو آهي ۽ رات جي اونداهي بہ آهي. پر مان توهان جي نقابن جي اندر لِڪيل چهرن کي پلا ڪيئن وساري سگهان ٿو؟ توهان سڀ اهي ئي ماڻهو آهيو جن پهريان اسان کي ڦريو هو ۽ پوءِ اسان جي ٻن ماڻهن کي قتل ڪيو هو، جن مان هڪ تہ منهنجو پنهنجو سڳو ڀاءُ هو. قافلي جي اڳواڻ جي ڳالهہ ٻڌي اهي ڌاڙيل حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا: تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ جي باوجود بہ توهان اسان سان ايترو سٺو سلوڪ ڇو ڪيو؟ قافلي جي اميرَ چيو: اهو تہ پنهنجي پنهنجي نصيب جي ڳالهہ آهي. ان ڏينهن اسان توهان جا مهمان هئاسين، جيڪو توهان ڪان ٿي سگهيو توهان اسان سان ڪيو، پر اڄ توهان اسان جا مهمان آهيو، جيڪو اسان ڪان ٿي سگهيو اهو اسان ڪيو. الله تہ سڀ ڏسي رهيو آهي، اهو ئي ان جو اجر ڏيندو.

### واقعي مان حاصل ٿيندڙ اهم نڪتا

◈ ڪردار جي بلندي اها آهي تہ انسان طاقت رکڻ جي باوجود بدلو نہ وٺي ۽ عفو و درگذر (معافي) ۽ احسان جو رستو اختيار ڪري. افضل اهو آهي تہ شر جو جواب خير سان ڏنو وڃي، اهو ئي اهو رَويو آهي جيڪو دشمنن جي دلين کي ميڻ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ معاشري مان نفرتن جو خاتمو ڪندو آهي.

◈ سالارِ قافلہ جو هي جملو "الله تہ سڀ ڏسي رهيو آهي، اهو ئي ان جو اجر ڏيندو" اسان کي سيکاري ٿو تہ مؤمن جو ڪو بہ عمل دنياوي مفاد، تعريف يا بدلي لاءِ ناهي هوندو. جڏهن اسان جو مقصد صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ هجي، تہ پوءِ سامهون وارو چاهي ڪيترو بہ برو هجي، اسان پنهنجي سٺي اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏيندا آهيون، چو تہ اسان جي نظر ٻانهي جي رويي تي نہ پر خالق جي اجر تي هوندي آهي.

◈ اسان پنهنجي روزاني زندگيءَ کي ڏسون تہ جتي جتي اسان جو ڪردار سٺو هوندو، اهي معاملا اسان جا بهتر نمونی هلي رهيا هوندا. اها ئي وجهہ آهي تہ سٺو ڪردار گهر کي امن جو گهوارو بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ معاشري ۾ اسان جي شخصيت کي مستند ۽ باوقار بڻائيندو آهي.

◈ انسان جي اصل سڃاڻپ هُن جون چيل ڳالهيون نہ پر هن جو ڪردار هوندو آهي. اسان جي اندر ڪيترو صبر آهي، ان جي خبر تڏهن پوندي جڏهن اسان تي ڪا مصيبت ايندي. اهڙي طرح اسان جي اندر نرمي ڪيتري آهي، ان ڳالهہ جو اندازو تڏهن ٿيندو جڏهن ڪو اسان جي مزاج جي

خلاف اسان سان ورتاءُ ڪندو يا اسان کي نقصان پهچائيندو.

◈ دعوتِ اسلامي جا مبلغ هن ڳالهه کي لازمي طور تي سامهون رکن ته توهان جو ڪردار سڀ کان وڌيڪ اثرائتو مبلغ آهي. ماڻهو توهان جي لفظن کان وڌيڪ توهان جي ڪردار کي ڏسندا آهن، اهي توهان جي ڪردار کان متاثر ٿي دعوتِ اسلامي ۽ دينِ اسلام سان وابسته ٿيندا. پر ائين تڏهن ئي ٿيندو جڏهن توهان جي ڪردار ۾ ڪين حسنِ اخلاق، سچائي، ديانت، عدل ۽ تحمل مزاجي جهڙا اعليٰ اوصاف نظر ايندا، بي صورت ۾ توهان جا لفظ رڳو ائين هوندا جهڙوڪ جهنگ ۾ رڙيون

Monthly Magazine
Faizan-e-Madina
September 2026

ماهوار سيپٽمبر 2026
فيضانِ مدينه

# تون پير بادشاهه

الله پاڪ پنهنجي دين جي بقا جي لاءِ انبياء ڪان بعد علماء، اوليا ۽ صُلحا ڪي علمي، تبليغي وراثت جو مَانُ ۽ مرتبو بخشيو. جن سهڻي انداز سان اچي دين جي تبليغ ۽ پٽڪيل انسانن جي اصلاح ڪئي. انهن مان حضرت پيرانِ پير عبدالقادر جيلاني بہ هڪ آهن. سندن ڪنيت ”ابو محمد“ ۽ لقب محي الدين، محبوب سبحاني، غوث الثقلين وغيره آهن. حضرت مولانا جامي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائين ٿا تہ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ثابت النسب سيد آهن. والد جي نسبت سان حسني علوي ۽ والده جي نسبت سان حسيني سيد آهن. سندن والد جو نالو سيد ابو صالح جنگي دوست ۽ سندن والده ماجده جو نالو اُمّ الخير حضرت فاطمہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا آهي جيڪا نهايت ئي پاڪ ۽ نيڪ خاتون ۽ هڪ مشهور بزرگ حضرت عبدالله صومعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صاحبزادي هئي.حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بحيره خزر جي ڏاکڻين ڪناري سان مليل بغداد شريف جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ”جيلان“ ۾ پهرين رمضان المبارڪ سن 470 هجري ۾ پيدا ٿيا. سندن پيدائش وقت سندن والد جي عمر سٺ سال هئي. پاڻ جڏهن پيدا ٿيا تہ رمضان شريف ۾ سڄو ڏينهن کير نہ پيئندا هئا.اها ڳالهہ آسپاس مشهور ٿي ويئي تہ سيدن جي گهر ۾ هڪ ٻار ڄائو آهي جيڪو رمضان ۾ ڏينهن جو کير نٿو پيئي. پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي والد جي شفقت کان محروم ٿي ويا ۽ ڪين سندن ناني سندن پرورش ڪئي. پاڻ ٻارن سان گڏ نہ کيڏندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ آئون جڏهن بہ ٻارن سان کيڏڻ جو ارادو ڪندو هئس تہ آواز ٻڌندو هئس تہ اي برڪتن ڀريا! هيڏانهن اچ، آئون اهو آواز ٻڌي ڊڄي ويندو هئس ۽ ڊوڙي ماءُ جي هنج ۾ لڪي ويندو هئس. حضرت غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام گهڻو روئندا هئا ۽ دل ۾ خدا جو خوف رکندا هئا، سندن دعائون قبول ٿينديون هيون ۽ سخاوت ۾ سندن ڪو ثاني نہ هو. سٺي اخلاقن جا مالڪ ۽ بهترين خوشبوء استعمال ڪندڙ هئا. جيڪر ڪو سوالي سندن جسم تي پهريل ڪپڙن جو بہ سوال ڪندو هو تہ اهي لاهي ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. پاڻ هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا پاڻ فرمايائون تہ مون ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهي ڳالهايو نہ ننڍپڻ ۾ ۽ نہ جوانيء ۾. 11 ربيع الثاني سن 195 هجري تي شام جي وقت سندن زبان مبارڪ تي ڪلمي جو ورد جاري هو، آخر ۾ پاڻ الله،الله چيائون پوء سندن آواز رڪجي ويو ۽ پنهنجي جان پنهنجي مالڪ حقيقيء حوالي ڪيائون.

تون پير بادشاهہ، ولي سڀ وزير
هلن حضرت پير ڏي، فوجون ڪيو فقير

دينِ اسلام جي خدمت ۾ توهان بہ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي زڪوات، صدقاتِ واجبہ و نافلہ ۽ ٻين عطيات (Donation)ذريعي مالي تعاون ڪريو! اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.

**بينڪ جو نالو:** MCB **اڪائونٽ ٽائيٽل :** DAWAT-E-ISLAMI TRUST **بينڪ برانچ:** MCBAL-HILAL SOCIETY **برانچ ڪود:** 0037

**اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ واجبہ ۽ زڪوات** 0859491901004197 **اڪائونٽ نمبر: صدقاتِ نافلہ** 0859491901004196

978-969-722-952-9
01130353

فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net